


شاهه عبداللطيف
جا
ٽي سُر

١. سُر ليلا-چنيسر

٢. سُر سورٺ

٣. سُر ڪاموڏ

دفعو پهريون] قيمت ~~ٻه~~ چار رپيا [جون ١٩٧١ع

مهاڳ

شاهه عبداللطيف، (١٦٩٠-١٧٥٢ع)، ڀٽائي گهوٽ، جهڙو اعليٰ شاعر نه سنڌ ۾ ٿيو، نه ٿيندو. سندس شعر ۾ اهو لطف آهي جو دنيا ڀر جي ڪن چند شاعرن جي شعر ۾ نظر ايندو. شاهه صاحب جو شعر هر طبقي جي ماڻهن کي پسند اچي ٿو ڇو ته اُن ۾ وسيع ۽ وچتر آزمودن جو ذڪر اچي ٿو، جو هر ڪنهن کي دل سان لڳي ٿو. شاهه صاحب ڪنهن مڪتب يا مدرسي ۾ سکيا ڪانه ورتي — قدرت ئي هن جو ڪتاب هئي ۽ شخصي آزمودو سندس اُستاد. شاهه صاحب شاعر به هو ته الله لوڪ پڻ. منجهس تڙپ هئي — هُو تلاش ۾ هو حق جي. هن پنهنجي حياتي صرف ڪئي حق جي حقيقت سڃاڻڻ ۽ اُن سان هڪ ٿيڻ ۾. شاهه صاحب قادر پسيو قدرت ۾. پر انهيءَ لاءِ کيس ڪافي جفاڪشي ڪرڻي پيئي ۽ جاکوڙ ڪڍڻي پيئي. ڪافي ڪشالي بعد ئي کيس حق سان هڪ ٿي وڃڻ جو آنند نصيب ٿيو. پر انهيءَ مراد حاصل ڪرڻ ڪاڻ کيس هميشه پاڻ کي حق جي وُصفن ۽ خصوصيتن جي يادگيري ڏيارڻ جي ضرورت رهي. کيس هر وقت پاڻ سان اورڻا، اورڻا ٿي پيا، جن سندس من ايڪاگر رهي ۽ مراد کان ڪڏهن به ڪين هٽڪي — هردم پورو پيندو هلي پهونءَ ڏي. شاهه صاحب جي اورڻن شعر جو جامو

وشيہ سُوچي

Printed by Shri Kishinchand T. Thakur at DALEEP PRESS
Shop No. 180, Dudh Naka, Ulhasnagar-5
and Published by Shri C. L. Mariwalla, Block 7, Behind Market,
Sion, Bombay-22.

لِيلا چنيسر

داستان پهريون

١. داغُ تُهجو دائِما ماري مَعذوُرِ ين،
سائِينءِ كارڻِ سُپرِين! وَڃِج مَ ڏوُرِ ين،
آئُون تو حُضوُرِ ين، مَٽيوُن وِجهان مَڃَ ۾.

٢. مَٽيوُن وِجهان مَڃَ ۾، هائِيَ هَٽان هارُ،
پِرِي جي پِتارُ، مِهرِ يائِي مانُ لَهان.

٣. مَٽيوُن وِجهان مَڃَ ۾، هائِيَ هَٽان هارُ،
سوڍِي! سُکُ سَيدُ ڇِي، ڪَرِ ييِن ڪوهُ قرارُ؟
راجا رِيساٽو گهٽوُن، سَتاٽو سَردارُ،
چَوڏِسِ چَنيسَرَ جامَ جو، ڏِها ڏِهِ ڏَهڪارُ،
تاڪُرُ اَکِيين تارُ، مَٽِيِي تِي تِي مَٽِيين!

٤. چَنيسَرُ چَوُرنگُ، ٻِـرنگو لوکُ ٻِئو،
تِهِ سِين چِيئو سَنگُ، وَڃِئو هارَ هَٿُ ڇُهِينَ!

ٿيرا. جيڪي ڏنائين يا بڌائين ٿي اهو اندر سان اوريائين ٿي، اُن مان اندر لاءِ نقطو لڌائين ٿي ۽ اهو دل سان هنڊايائين ٿي. شاهه صاحب جي شعر ۾ انهيءَ ڪارڻ اَمرت رس پريل آهي جو جو اهو سڌس دل جي تهخاني مان نڪتل آهي. اُن ۾ هڪ اَنوکي ڪشش آهي، ڇاڪاڻ ته اُن جو واسطو حق ۽ حقيقت سان آهي. اُن ۾ عجيب لطف آهي، ڇاڪاڻ ته اهو دنيا جي آزمودي جو نتيجو آهي.

شاهه صاحب جي شعر ۾ ڪن رس سان سان گڏ من رس پڻ جهجهي آهي. اُن جو اَپياس اِن ڪارڻ هرڪنهن لاءِ لاڀدائڪ آهي. پر جيئن ته شاهه صاحب جو سڄو رسالو شايد هرڪنهن جي وت کان ٻاهر ٿئي، تنهن ڪري وديارٿين ۽ عام ماڻهن جي سهوليت ڪاڻ ٿورا ٿورا سُر ڇپائي، منجهن شعر جو لطف ماڻڻ ۽ ڪين انهيءَ ڏس ۾ اَپارڻ جو پتن ڪيو ويو آهي. آشا آهي ته هيءَ نماڻي ڪوشش سنڌيءَ جي شائقن کي پسند پوندي.

— چيتن مارڙيوالا

چَنيسَرُ چِتُ ڪَٽي، ٿو پورِهيَتِ جو پارُ،
اَوَڳُتِ جو آچارُ، ڪانڌُ ڪِهين سِهِن مَ ڪَري.

١٠. نَ ڪِينِ باهَڙِينِ ۾، نَ ڪِينِ ڳَرِ هُئومِ،
نَ مُون سِنڌِ نَ سُرمُون، نَ سِينگارُ ڪِئومِ،
تيلاهَ ڪانڌُ سَندومِ، رُکوئِي رَءِ ڳِڙي.

١١. سونا ڪُرَ ڪَنَنِ ۾، ڳِچِي ڳاڙها هارَ،
بانهُونا باهُنِ ۾، سِنڌِ سَٽِيا وارَ،
تيلاهَ پِي پِچارَ، ڪاندَ مُهِجي ڇَڏِيي.

١٢. چَنيسَرَ جي چِتَ ۾، ڪِينِ جو اَگَ هُئو،
ٿِهان پوءِ ٿِئو، مَٽِيي تِي تِي مامِرو.

١٣. جَرُ هارِئو تِي جَڪَري، جَڏهِ رُنو ڏيريدارَ،
ي ولِي تَڏهِ يِ يليين؛ سوڀِي! تِيءَ نَ سارَ،
چَنيسَرَ پِتارَ، حيلو ڪِئو هارَ جو.

٥. مَٺِيءِ تِي موهِجِي، مُوڙهي! ڪِيُءِ مَرڪُ،
ڇِڏِي ڇَنبِسَرُ جامَ سِين، وِڌو تو فَرَقُ،
وَرِي ويو وَرَقُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو!

٦. مَٺِيءِ تِي موهِجِي، هارِي! ڳِپِڙءِ هارُ،
ڪوڙِيين ڪِئا ڪيترا، اِنهِينءِ خَرَ خُوارُ،
پِرِي وِئو پَتارُ، آيُءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو!

٧. مَٺِيءِ مَٿِي جِي هُئا، تَنِ چِتَنِ ڦيرِيُرِ چِٽُ،
هارُ ڪَتَنديَسِ هوڏَ مِ، نِيبه تِنِدُمِ نِٽُ،
ڪَوُنرُوءِ جو ڪِرِٽُ، مُنها مَتاهُونِ تِئو.

٨. مَٺِيُونِ ناهِ مَٺِيُونِ، جو تُونِ پَسِي هارُ هِرڪِيينِ
اَصُلِ آهِي اَڳِهِينِ، سَندو ڪُوڙَ ڪَٺِيُونِ،
اِنَ گهوڙَنِ هَڻئي گهٽِيُونِ، دُوسَنِئا دُوڙِ ڪِئو

٩. تو جو پانيو هارُ، سو سوُڙَنِ جو سَگَرُو،

ڳُچَنِ لِيلا، هوُ ڪَنِ ڇيلا، ٻَهَرا اَڇو ٻيٺي،
هارُ هَتا مُون ڇَڏِئو.

دوسُ نيائُون داسَڙو، وِيساهي وَڏُ ويهي،
هارُ هَتا مُون ڇَڏِئو.

اَوَڳُڻَ، عيبَ، مَنائِيوُن، يولا! يَڪِ سَپيٺي،
هارُ هَتا مُون ڇَڏِئو.

تو دَرِ اَچي داسَڙا! آرِ ڪَرينِديَس ڪيهي؟
هارُ هَتا مُون ڇَڏِئو.

آيَسِ، عَبدُاللَطِيفُ چي، دوسَ تو دَرِ پيهي،
هارُ هَتا مُون ڇَڏِئو.

داستان پيون

١. تِرِڪي، پَسي ٿوُڪ، تِرِڪي، تَڪَبُرَ ۾ پَئي،
اَچو اَچو، "اَڳِلي"، چَئي لِيلا کي لوُڪ،
اَنُدرُ اوِيالَن سِين، سازي ڪِيائُسِ سوُڪ،
بالاپَڻَ جو بوُڪ، وِئو وِچارِي وِسَري.

۱۴. اُو ڏَمرِئو ڏِسُ، حِيلو هُنهِين هارَ جو،
سُٺهو سَبَ سَرَتِيُون! وَرُ نَہ ڪِهِين وَسِ،
دَعوِيٰ پِهرِين ڏِسِ، پَڄِي تو پورا ڪَري.

۱۵. پُوڇا ڏِنَمِ پِيرَ، پَڪَڙَ مَٿي پِ ولَ جا،
مُون پائِيو تِهِ وِيرَ، ڪوجهِي ڪندو پِرِيَتِي.

۱۶. سوڙِ پِين سُنَڙِياءَ، پَڪو سَهُو وِلاڙِئو،
چَنيسَرَ ڪانداءَ! تان مُون هِنءَ نَہ پائِيو!

۱۷. پِ ولا! ڪُهاڙِئا، پولاِئيو پوڏُ چُٽِين؟
آئُون تو پيرانِدِ ئا، ڪَرَ موڙِئو، وَرَ اَٿِيان!

۱۸. نَيو پَڌِئو، روءِ، اَگَرِ جهوڪِئو ڪَرَهو،
ڪو چَنيسَرَ چوءِ: تہ لِيلا وَڃِي لَڌِئو.

وائِي: آءُ، پِرِين! گهَرِ پيهِي، مِيان چَنيسَرَ!
هارُ هَتا مُون ڇَڏِئو.

هَٿَ ڇُهَڻَ هارَ جي، ڪَڙي ڪانڊَ ٽِياسِ،
ٻولي ٻِلِهِياسِ، آئُمِ ڏُنءُ ڏُهاڳَ جو.

٨. وَڏيرِي هُياسِ، ڇنيسَرَ جي راڄَ ۾،
ڏُهلِينِ ڏَماميِنِ، نَقريِنِ، ٽي پَلِپَلِ پُڇِياسِ،
ٻولي ٻِلِهِياسِ، ٽِيَسِ ڏُهاڳِڻِ ڏيهَ ۾!

٩. هُيَسِ هِندوڙَنِ ۾، پِيَمِ ڪانَ پَرُوڙَ،
مَٽيي سَندي مامِري، ڪوجهي وِڏيَسِ ڪُوڙَ،
سامُها ٽِيَمِ سُوَرَ، وِئو وِلُٽي وَلَهو!

١٠. ڏُهاڳا سُهاڳِڻِيُون، کِهڙي ڏوهِ ڪَيِنِ؟
وَرُ وِڏوُڙو ائهِينِ، جِنُ جِنُ پارُ پَسَنِ.

١١. گهورِئو سو سُهاڳُ، جِهِ ۾ پَسِينِ پارَ ڪي!
ڏوري لَهُ ڏُهاڳُ، جِهِ ڪَرَ لاهوُ داسڙو.

١٢. سارِجِ سَپيئي، لِيلا! لَکَڻَ پاهِجا،

٢. جڪس ڪم سندام، جونا ڏنا جيڏيئين،
ڪلن سڀ مثام، ساهيڙيون ۽ سرتيون.

٣. هٿين ۽ ته گهڻون هنيان، ڪل پ هيءَ ڪاند جي،
تو پانيو موچاري تيان، ڏجهي پائي هار،
ڪاند ڪوڙي جو نه وٽي، سڀين پٽين سنگار،
وهم لهي ونجهار، دليون پرڪي داسڙو.

٤. چان ڪ چڙهنديس ڪت تي، ريجهائينديس آءٌ،
اهڙو ئي الله، جو پورهيتون پيش ڪري.

٥. ڏاهي هيس ڏيه ۾، سرتين منجهه سڄاڻ،
ڪا جا پيمر ڪاڻ، جن مه متاهون نه ڪٽان.

٦. الا! ڏاهي مر ٿيان! ڏاهيون ڏڪ ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائي ۾ پال ڪِنا

٧. وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتيين

١٧. ڇڄي ڇنيسر جام سين، لِيلا! تُون مَ لَکاءِ،
دوسُ ڏُهجو داسڙو، ڪاندِ وَڏِ يائي ڪاءِ،
نہ ڍولو ڍَڪ سَنڌياءِ، عَيبَنِ کي آڏو پُئي.

١٨. ڇڄي ڇنيسر جام سين، لِيلا! لَکاءِ مَ تُون،
اِئُ ڪاندُ کِهجو نہ لئي، نہ ڪا مُون نہ تُون،
وُنديوُن ڏِنيوُن مؤن، اِنَ دَرَ مٿي دادُ ليوُن.

١٩. لِيلا! حِيلا ڇڏِ، جي تُون سوڀي! سِکئين،
پائي پاندُ پڇي مَ، پاڻُ غَريبي گڏ،
هَڏِ نہ چُنڊءِ لَڏِ، جي ڪاروُن آڻيين ڪاندَ کي.

٢٠. جي ڪاروُن آڻيين ڪاندَ کي، نہ روئي رِيجهائيجِ،
لِيلا! لِيلائيجِ، اَٿي ماڳُ مِنٿَ جو.

٢١. جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پڻ لِيلائيجِ،
آسرَ مَ لاهيجِ، سَجڻُ ٻاجهندڙُ گهڻُون.

…ي: مُون تي وَهڙَ وَڏي، وارو ڏِندُمِ وَلهو.

وَرَ سين وِڙهئو اِتيين، نه ورايا نه پئي،
نه ڄاڻان ڪيهي؟ چنيسر جي چِت ۾.

۱۳. چَڻي چَنيسَر جامَ سين، لِيلا! لَکايوءِ،
تو جو پانيو پاڻِ جو، تهجو پرو ڪو نه پئوءِ،
ڪَئونروءِ ڪانڌ سَندوءِ، تَ ست ڪِئو داسڙو.

۱۴. لِيلا! جِمَ لَکائِيين، چَڻي چَنيسَر ساڻُ،
وَرَ سين وِڙهئو اِتيين، مُوڙهي مُنءِ پاڻُ،
پوري! ڪِيءِ پاڻُ، تي آيءِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو

۱۵. لِيلا! جِمَ لَکائِيين، سوپي! ساڻُ سڃاڻُ،
آهِيين گهَٽُون اَجاڻُ، مَچُڙِ پُوري نَ پئين.

۱۶. لِيلا! پُوري نَ پئين، چَڻي چَنيسَر ساڻُ،
تو جو پانيو پاڻِ جو، سو رِيساڻُو راڄاڻُ،
پاڻا ڏارَ پِرياڻُ، ڪانڌَ کِهجو نَ وَڻي.

٣. سڀئي سُهاڳڻيون، سڀني ڳچيءَ هارَ،
پَسَڻَ ڪارڻِ پِريءَ جي، سُهڻين ڪَنِ سِنگارَ،
ڏولُ تَنين جي ڏارَ، هيڻاهِيُون هَلَنِ جي.

٤. سڀئي سُهاڳڻيون، سڀني ڳچيءَ هَسَ،
پَسَڻَ ڪارڻِ پِريءَ جي، وَڏا ڪَٺائُون وَسَ،
ڏولُ تَنين جي ڳَسَ، هيڻاهِيُون هَلَنِ جي.

٥. سڀئي سُهاڳڻيون، سڀني مُـهَ جَڙاءُ،
سَيِڪهِ پانيو پاڻَ کي، ايندو مُون ڳرِ راءُ،
پينو تَنِ ڏَراءُ، جي پَسي پاڻُ لڄائيُون.

٦. اَوڳُڻَ ڪَري اَپار، تو دَرِ آيَسِ داتَڙا!
جِنْ تو رُسَڻَ سِنديُون رُوحَ ۾، تِنْ مُون پيٽي ناهِ، پِتارَا!
سائِينءَ لَڳ، سَتارَ، ميٽِ مَدايُون مُهجِيُون.

٧. جي مُون مُوڙهي مَتِ، تَ تُون پاڻُ سُڃاڻِجِ سپرين،

توکي ساري سپرين! آئون پنديس ماگ مري
وارو ڏِ نڌمِ وَلھو.

توکي سري سپرين! آسان تان نہ سري،
وارو ڏِ نڌمِ وَلھو.

آسان تو دِيَ ناهِ ڪا، ڳُجھاندَر ڳَري،
وارو ڏِ نڌمِ وَلھو.

اَدِ يُون! عبدالطيف چي، مُحبّن مِهرَ ڏري،
وارو ڏِ نڌمِ وَلھو.

داستان ٽيون

١. چنيسر سين چاڳُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪري،
جان مُون پوء پُروڙيو، تہ هِيَ نہ ماڻي ماگ
ڏَمرِ ئو ڏُهاڳُ، سِگھو ڏي سُهاڳڻين.

٢. چنيسرُ سين چاءُ، مَتان ڪا مُنڌَ ڪري،
ڪاند ڪھين جو نہ وَڻي، گيرب ۽ گاءُ،
جي ڏِري نورَ ڏِياءُ، تہ دوس ڏَسائي داس

مُون کي ڇڏِ مَ داسڙا! نَہ وڃان نَہ وِٺواندُ،
مون ڳِچيءَ ۾ پاندُ، تو، چنيسر! هَٿَ ۾.

ڍولا! اولا نَہ سَهان، آڏا اَڏيءَ جي،
تو، وَرَ! وَهُون ڪيترِيُون، مُون وَرُ تُون وَرِي،
پِرتا پيرَ پِرِي، مَلهائِج مِسڪينِ کي.

ليلا! لُڇُ مَ ايترو، اُتي اَڳَٺُ سورِ،
اَبو، ڏاڏو ڪھورِ، پاڻَ سوُڏو پِرِيَ تان.

ليلا! لُڇُ مَ ايترو، اُتي سورِ، ٻُهارِ!
ڍولو اَڳَٺَ پارِ، ڪاندُ ڪَميٺِي آئيو.

ي: جيري زِيارَتَ، جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين!
سَڏَرَ مُهِجا سُپرين! مُون تان لاهِ مَ هَٿُ،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين!
مَولا! مُون کي ميڙِيين، سُپيريان جي سَٿَ!
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.

اصل اوائن جا، عيب ڏيکين تون اُت،
اِي پر تهجي پَت؛ جن وِلهيون ڏيکين وَلهـ

٨. لکڙ کيم لکيج، جي موراهين ناهه مون،
مون کي ملهائيج، وارو ڏيئي وَلها

٩. تان ڪا وائي وارِ، ڏلاسي جي، داتا!
تون مهجو ولهو، آئون تو ۾ طمعدار،
ڏکي ڏولَ! گذار، لڄ مهجي لوڪ ۾.

١٠. ڏولا! ڏيل ۾ مون، ڪاند! ڪميٽي آهيان
سڪ تهجي سپرين! پيري وڌيس پون،
مون وَڙ تنهين تون، تو، وَڙ! وڃون ڪيترين

١١. تو، وَڙ! وڃون ڪيترين، مون وَڙ تون وَڙ ٻيج
سوٻي! ان سهاڳ کي، پوري! پرُ ۾ ڏيج
پِرتا پيرَ پريج، ملهائج مسڪين کي.

١٢. ڪوڙين تهجيون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪان

سُرُ سورٺِ

داستان پهريون

اَللهَ جي آسَ ڪري، هلئو هنائين،
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏُٺلي راءِ ڏياچ جي، ڏورا ڏِٺائين،
وهنتي واحد ڏرِ، تنهن وير ڪنائين:
”سَباجها سائين! راءِ رِيجهايين راڳ سين.“

پرديسا پنڌ ڪري، هلي آئيو هت،
جاچڪُ اُيو جِت، سِرَ جيون صدائُون هٿِ.

پرديسا پنڌُ ڪري، هلي آئيو هيُ،
مالُ نَه مڱي مڱڻو، جاچڪُ مڱي جيُ،
”ويِ وهلو ٿيُ، ساعت صبرُ نه سهان.“

چنڊ يان ڪـه اَکِن سين، پرين وِ جهان همت،

جي مان هوءِ پرينِ سين

ڏُوڙا ڏِ نمرِ سُپرين، سچي جن صِفت،

جي مان هوءِ پرينِ سين

مِلڻ ۾ مُشتاق سين، ڪانهَ ڪِيائُون ڪت،

جي مان هوءِ پرينِ سين

اَدِيُون! عبدُاللطيفُ چي، مَحِبائُون منت،

جي مان هوءِ پرينِ سين

"سَرِدي سالِمُ نَہ رهان، ڪوسي سَهان ڪانَ،
اَمُنُ ڏيهِ اَمانَ ٿُون، ڏورِ ڪَري ٻِيا دانَ،
پانڊَپَ ڪانئي پانَ، وِجهِجِ پِڪَ پيئار لَي."

"تو دَرِ آيُسِ، راجيا! جاجِڪُ وَٽِي جِيُ،
ڪَنا 'نارُ حامِيَہ'، هاڻِ بِچائِجِ هِيُ،
والِي ڏِيارِيہِ وِيُ، جِتِ آہِ 'جَناتُ عَدْنِ'."

"تو دَرِ آيُسِ، راجيا! هُٿِڙو وَٽِي حالُ،
اُونائِيجِ عَلِيلَ جو، سَباجها! سُوالُ،
اَڳِ مَتِي آهِجي، ڪَهِي ڪِينْ قَوالُ،
يَلا! ڪَري پالُ، اَمُنُ ڏِهو اَنَ ڪي."

"تو دَرِ آيُسِ، راجيا! ٻِيا دَرَ ڪَري ڏُورِ،
سائِلُ تو سَبِنَ هَٽِي، هَردَمِ آنْ حَضُورِ،
ٻِئو نَہ مَڱِي مُورِ، اَمُنُ ڏِهو اَنَ ڪي."

"تو دَرِ آيُسِ، راجيا! ٻِيا دَرَ ڏيئِي ٻِنِ،

۴. "پَرديسا پَنڌُ ڪَري، هَلِي آئيو هوُن،
اُنچو توُن عَرش تي، آن پورو مٿي پوُن،
ڪِن ۽ ٽُسَندِ ه توُن؟ هِيُ سِرَ سُوالِي مَڱَڻو."

۵. "پَرديسا پَنڌُ ڪَري، آيسِ اُڳاهين ۽ ماءِ،
جي وِهاڻي وِيرَ تِيي، تَه موُن هيرَ ئي هَلا
سُنهارا سوَرنِ ڏَرَ! ڳالِ هِيئن سين لاءِ،
سو مَڱَڻهارُ مَلهاءِ، جو وِچا وِيرِيَن آئيو."

۶. "پَرديسا پَنڌُ ڪَري، سُٺي آيسِ شانُ،
مَڱان ڪِهڙِيَ مَتِ سين؟ نِسوُرو نادانُ!
سو ڪوڏِيارِيين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرڪُ ڪَري

۷. "سَرديَ سالِمُ نَه رَهان، گَرمِيَ تِيان گُدازُ،
اُمُ ڏيهِ اَمانَ توُن، سائِلُ هَٽِي سازُ،
رَبانِيَ کي رازُ، خالِصُ ڏيهِ خَلِيلَ جو."

داستان ٻيون

١. جاجِڪُ جهُونا ڳَڙَهَ ۾، ڪو عَطائي آيو،
تِهِ ڪامِلَ ڪَڍِي ڪينرو، ويهي وَڄايو،
شَهَرُ سَڄوئي سُرَ سين، تَندُنِ تَپايو،
دايُون دَرمانديُون ٿيُون، ٻائِنِ ٻاڏايو،
چارڻَ تي چايو، تَہ ماري آهي مَڱڻو.

٢. ساري راتِ صاحِبَ کي ڳَڙَهَ پِرِ ڳايائين،
اُنسِ ماڻڪَ ميهَ جڻ، هَٿَ نَہ ڇُٽائين،
تي لائِقُ لَڏائين، جِڻ هو ميرائي مَڱڻو.

٣. نِرتي تَندُ نِيازَ سين، ٻيجَلَ ٻُرائي،
راجا رَتولِن ۾، وَڄائي وائي،
کونايائين کوٽ ۾، ٻارِتُ ٻاجهائي،
راجا راڳائي، هَرِد وئي هيڪُ ٿِيا.

٤. نِرتي تَندُ نِيازَ سين، ٻُرائي ٻيجَلَ،

كَهان جو کُماچ سين، سو سُرُ سَباجهي کن

جا مَگَ مُهجي مَن، سا توکي مَعلُمُ سَيڪا

١٣. "بِنا ڏَرَ ڏِئي بَنَ کي، آيس تُهجي ڏَرِ،

سُنهارا سورَنِ وَرَ! ڪا مُهجي ڪَرِ،

يَلا! پيري پَرِ، پالهو پاندُ پينارَ جو."

وائي: ڏِنو راءِ ڏِياچ، هي سِرُ صاحِبَ تان صَدقو.

ڇَڏي هَلئو هِتهين، راڻيؤن پَهجا راجَ،

هي سِرُ صاحِبَ تان صَدقو

اَگهئو ڏَرِ اَللهَ جي، ڪوڙِين پُنَسِ ڪاجَ،

هي سِرُ صاحِبَ تان صَدقو

مَگَي وَتو مَگَڻي، ڪهي سانُ کُماچَ،

هي سِرُ صاحِبَ تان صَدقو

اَڊيؤن، عبدُالَّطيف چي، تَيِسِ ڪَمَ سُڪا

هي سِرُ صاحِبَ تان صَدقو

٧. راجا جو راضي ٿيو، ته ڏنا وَڏا ڏانَ،
موٽي ڪاريا مَڱڻي، طَرَحَ ٽُنبي ڪي تانَ،
"مُون وَتِ مالَ مَتاعَ جي، ڪمي آهي ڪانَ،
ڪارڻِ رَبَ رَحمانَ، سِر وَڍي سُلطانَ ڏي."

٨. سِرَ جي هُئائين هلئو، چارَڻُ چِٽائي،
سو مُوڙا جهلي نَه مالَ جا، تو ماڻڪ موٽائي،
"تو ڏرِ آيُس تي، جِنْ تو ناهِ نَه سِڪئو."

٩. "پائي پَتَ ڪٽا، مُون تان مُورِ نَه مَڱئو،
تازي طَبيلَنِ ۾ گهوڙا گهرِ گهڻا،
هاٿِيَ ڪارڻِ هيڪَڙي، آنْ ڪا تَندُ هڻان؟
جا مَٿي تو مَڻا، ته سِرَ جو آهيان سيڪَڙُو."

١٠. "جي مِيراٿي مَڱڻا، آئُون پڻِ مَنجها تَنِ،
ڪِينْ ڪَهُ مُهجي ڪَنِ، اِرْتَ مَنجهارا اُنِ جي."

١١. "ڪا جا ڳالِ ڳري، بِيجلا! ٻُڌاءِ مُون،

راجا رَتولَنِ ۾، اُونائي اُمـلَ،
راز ڪيائين راءِ سبين، ڪه موچارِيَ مَهَلَ،
«اَنَا اَحۡمَدُ بِلا ميم»، سَين هَنئي سائِلَ،
ڪهۡ ڪهۡ پيئي ڪَلَ، نَه هَرِ دوئي هيڪُ ٿِئا

٥. ڪنيِنۡ ڪنيِنۡ ماڙهين، پيئي ڪَلَ ڪائي،
وَسِئا جي رَمۡزَ ڪي، تَنِ پارِسي پائي،
«اَلاِنۡسَانَ سِرِيۡ وَ اَنا سَرِهُ»، وَرَتي اِيَ
راجا، راڳائي، هَرِ دوئي هيڪُ ٿِئا.

٦. راجا رَنگِ مَحَلَ ۾، جاچڪُ سِرِ زَمِينَ،
جا هَنيائِين هَٿَنِ سين، سا سُٽي بالا ٻِينَ،
جِتِ اَچَنِ نَه اُردابيگيوُن، اُتِ ڪوٺايو اُ
”تازي ڙِهوسِ تَڪِڙو، جوهَرَ پائي زِينَ،
ٻِئو مَگَّي ڪينَ، دارا سَرَ، سِيدُ چي.

اَنَئي پَهَرَ اَجَلَ جو، ڪُنڊو مَنجهِ ڪپارَ،
جهِ تو سَبَ جمارَ، هَنيا چِتَ پَتَنِ سين.

ڪي: تُهجِي تَندُ توارَ، يارَ! مُون مَنُ موهِئو.
مَلهي آيين، مَڱڻا! گجِي م گِرنارَ،
يارَ! مُون مَنُ موهِئو.
سِرَ جي صَدا چِڏِ تُون، ڏِيانءِ ڏِيجَ اَپارَ،
يارَ! مُون مَنُ موهِئو.
دانَ ڏِيانءِ دُهرا، هَزارين هَزارَ،
يارَ! مُون مَنُ موهِئو.
اَلا! عَبدُاللطيفُ چي، پَسان پِرِينِ پارَ!
يارَ! مُون مَنُ موهِئو.

داستان ٽيون

ڪِينَ جو بيجَلَ بولِئو، پِني وِيهي يانَ،
راجا رَتولَنِ م، سيباڻو سُلطانَ،

پيشه جن گرنار ۾، تندن تان ڪري،
ڪ تو پنڌ پري؟ ڪ مڱ جهلنده؟ مڱڻا
١٢. "مڱ نه جهليان مورهين، نه مون پنڌ پري
ڳڻي آيس ڳالڙي، ٻجهي تو ٻري،
سا سمجهه، سورٺ ور! وينديس ڪين و
پرٺا پير پري، تو لء آئيو آهيان."
١٣. مڱ نه تسي مڱڻو، نه ملڪ، نه مال،
ڏاتڻون ڏور ٿيي، ڪا جا ٻنس ڳال،
آهي ان خيال، ته ڏيني ٿيان ڏاتار سين.
١٤. سر مڱي، سر گهڙي، سر ڏيئي نه صلاح،
غريبنئون نه گذري، تو ماري مير ملاح،
نايو نوابن جا، سوريو ڪيدي ساه،
خالق سنجهه صباح، ڪون ڇڏندو ڪيتهي
١٥ موٽي مڱڻهار! شال م اچين ڪڏهين!

ڏاتار ۾ مڱڻي، ڪون وسيلو وچ،
سائي ٽال ٽنڊڻ جي، سائي چارڻ چت،
جي هُتي، جي هِت، نه ڳالِ مڙائي هيڪڙي.
"جاچڪ! تو جهڙا، ڏهه پيرا ڏياچ جي،
جه م مال نه مڙي جيترو، لهه تون طمعدار،
جي اچيئي ڪر ڪپار، ته ويه پيرا وڌيڪ ڏين."
ٻيلي ٻئي پار، جان مون نيڻ هڻي نهارئا،
چوري رکئم چت ۾، ڏسين جا ڏاتار،
هي سر توهان ڏار، ٻيجي کهه نه ٻولئو."
"سو جي مڱڻهار! م هوءِ، جه تو مٿي سر سٿو ڪئو،
جو مون مل مور نه سپجي، ٽان جي سو گهريوءِ،
ته جڳا جڳ ڏنوءِ، ڏنگو ڏاتارن ڪي."
"مٿو مٿائين گهوريان، مٿو تو مٿاءِ،

” آءُ مَتاهُون ، مَگَڻا ! مُقابِلِ ميدانَ ،
گهور بان لَکَ ، لَطِيفُ جي ، تُهجي قَدَمَنِ تان قُربانُ ،
مَتو هِيُ مِزمانَ ! هَلي آءُ تَ هِت ڏِينءُ .“

٢. ” آءُ مَتاهُون ، مَگَڻا ! چَڙهي ۾ چَونڊولَ ،
توکي گهوتَ گهُرائِيو ، راجا مَنجهه رَتولَ ،
بِيجَلَ تو سِين بولَ ، وِهاڻي وَيَڻَ جي .“

٣. مَحَلين آيو مَگَڻو ، سازُ کَڻي سُرندو ،
سِرَ جي صَدا سُرَ ۾ ، گهُورَ هَڻي گهُرندو ،
مَٿي رِءَ مَلوُکَ جي ، چارَڻُ نَ چُرندو ،
جهُونا گَڙُه جهُرَندو ، پُندي جهانءَ جَهروکَ ۾ .

٤. مَحَلين آيو مَگَڻو ، کَڻي سازُ سِري ،
لَگِي تَندُ تُنبير جي ، پِنا کوتَ کِري ،
هَندين ماگِين هُوءَ ٿِي ، تُهِجي بِيجَلَ ! دانهَ ٻُري
جهُونا گَڙُه جهُري ، پُندي جهانءَ جَهروکَ ۾ .

"مٿي آئي مُهِجِي، جي ڪوڙين هُونِ ڪپار،
نه وارئو وارئو وَڍِيان، سِسِي ڪي سَوَ وار،
نه پِڻ تَندُ تَوار، موهان مَٿائُون، مَگَٽا"!

"جو تو ڏِٺُ ڏِياچَ! لاهيو اِي سِرُ سَهُڪو ڏِي،
ڪِينَ ناهِ جِهڙو ڏِي، جو سَندِ تِبِي سُواليِين."

"ڏِٺُ گَهڻُون ڏُهلو، سِسِي ڏِٺُ سُڪ،
سو تان، ڏِياچ! ڏُک، جو تَعلُق وَکِي تَندُ سِين."

"جو تَعلُق وَکِي تَندُ سِين، سو ڪِينَ پِڻ پاءِ،
مُنکي مَ موٽاءِ، آنءُ اَڳاهُون آئيو."

پُسِي پاٽ پِرِ تِنو، سَندو جادَمَ جُودُ،
"مَگُ وِهاڻِي، مَگَٽا! مَٿو هيرَ موجُودُ،
بِلڪ آهي بُودُ، ناڪسِي نابُودَ مَ."

سو مُون ليکي نہ ھِتاھ، جہ تُون لائق مَڱَڻا!

١٠. "مٿو مٿائين گھوڙيان، مٿو تو مٿاء،

ھَڏو ھِيُ ھِتَ ڪري جاجڪ! وَھلو جاء،

تُون سين اَنبِراء، جِم واچا ۾ وِلھو ڪھين."

١١. "مٿو مور نہ باڙيان لُھجي تند تَوار،

سر ۾ سِجھڙ ناہ ڪِين، موت ۾ مَڱَڻھار!

ڪيئہ مَنجھہ ڪپار، لِکِيَندو تو لاھِيان."

١٢. "سؤ سِرَن ہائي، جي تند بَرابَر تو ريان،

اُٿَل اوڏاھَمِ تِيي، جيڏاھ بيجَل برائي،

سَڪَڻُون ھڏُ آھي، سِر ۾ سِجھڙ ناہ ڪِين."

١٣. "مٿي اُتي مھڄي، جي ھُئا سِرَن سؤ ھزار،

نہ لُھجي تند تَوار، ھَرھَر وَڍِ اُمِر ھيڪڙو.

مَتي اُتي مُهِجي، جي هُونِ سِرَ هَزارَ،

ڏاڙَ ڏِ يعد وسَنءِ، مَڱڻا!

هَرَ هَرَ وِيڙيان هيڪڙو، لُهِجي لَندُ تَوارَ،

ڏاڙَ ڏِ يعد وسَنءِ، مَڱڻا!

لَجِيندي تو لاهيان، کِينهِ مَنجِهه ڪَپارَ،

ڏاڙَ ڏِ يعد وسَنءِ، مَڱڻا!

اَدِيُون، عَبدُاللطِيفُ چي، لَکِيَسِ لَنءُ لِغارَ،

ڏاڙَ ڏِ يعد وسَنءِ، مَڱڻا!

داستان چوٿون

رِءِ مَصلحت مَڱڻا، قَصرِ ڪِين اَچِنِ،

لُورَ لَجلو لُورَ سِين، نِمِو نيڙ پَسَنِ،

خِيمي م ڪنگهارَ جي، چانڊُ وٽا چمڪنِ،

١٩. چارڻ چنگ ڪُلي ڪري، رُمي رهيو راڳ
صدا جي، سيد جي، وائي ڪٿائين واس،
ڏيہ ڏنا نہ ڏاس، مِين مَڱڻهار کي.

٢٠. چارڻ چنگ ڪُلي ڪري، پير پُري پاتا،
صدا جي، سيد جي، وائي ڪٿائين واتا،
نہ لي راھ راضي ٿئو، دِل وَڏي داتا،
مرڪي مُر ماتا، روڙي راھ ڏياچ جي.

وائي: ٿئو م ڪنڪار، يار! ڏاڻ ڏيندوسُ مڱڻا!
حاجڪ! جهونا ڳيرہ م، هلُ تہ ليهون يار،
ڏاڻ ڏيندوسُ، مڱ
ٿتان ڪا مُهجي ڪرين، ڳلا جي گفتار،
ڏاڻ ڏيندوسُ، مڱ

سِرُ نَہ آهي سَٽِ ۾، پَرِ ٻِئو ڪِينَ مَڱجِ دانُ،
خاڪ مِٽيءَ کا ٻانُ، ڪانئا ٻوءِ ڪجھ نَهِين.”

”چارڻ ٻولِي ڪِينَ ٻِئو، جو گھُرِيءِ سو گھورِيان،
گھرُ سورتِ نَہ ٻڙِي، جان تندُن ٻرابرِ توريان،
ڳُجھي آهِ ڳالهڙي، آءٌ اوري تان اوريان،
ڪ کُلنئون کوريان؟ ڪِ جاجڪ جَسيِ سيِن ڏِينءِ؟”

چارڻ چنگ، ٻدُگ لهي، وڄايو وڏاڻ،
سِرُ جو هَڏُ آسانُ، پَرِ مَڱڻهارُ مٿي وهي.

”ڳُجھ ٻهچي ڳُجھ سين، رِند! وساڻي لاءِ،
اَجلُ اُيو آهِ، ٻنڀي، تو پلاڻئو.”

”وِڍِ سِرُ، لِي سرهو، مَ ڪِبن آءٌ، مَ ڳاءٌ،
جاجڪ! تو مٿاءٌ، مُلڪ مِڙوئي گھوريان.”

لذائين لطيف چي، سندا ذات ڏسين،

ليلاه ملڪ ڌڻين، مهڻو مڱڻهار کي.

٢. "مر نه آئين، مڱڻا! مام ڀروڙي مون،

جيڪا ڳاه ڳالهائيين، سا سڀ سمجهيسون،

لـه ۾ لسج لون، جيڪين ٻولي پٽ ۾."

٣. "چارڻ تهجي چنگ جو، عجب آهم اِيُ،

هڻي اُپو هٿن سين، جيرو رکيو جي،

رات مُهجو ري، ڪاٺو تو ڪماچ سين."

٤. "تان نه آهي تند جو، رُون رُون ڪري راز،

هڻندڙ سندا هٿڙا، سيڪو چڻي ساز،

ست ڏيئي شهباز، تي ته لوڪ پرائيين."

٥. "تند تماري تان، ڪهيو سو قبول پئو،

ڏنو ڪين ڏياج، تو سائل سڪائي،
مَهَ تي موٽائي، مٿو هڻيس مڪٽي.
سورت مٺي، سُک ٿئو، خيما هنيا ڪنگهار،
ٿئو راڳ، روپ سو، لڳي تند توار،
سو ڏٺين پٺين پار، پسو! راجا راضي ٿئو.
سورت مٺي، سُک ٿئو، خيما ڪنيا ڪنگهار،
نَ ڪو راڳ، نَ روپ ڪو، نَ ڪا تند تنوار،
تهان پوءِ مڱڻهار، ڏنو سر ڏياج ڪي.
ب: الوداع! وو! الوداع! وو! جاني ڪئوءِ جدا،
هيءِ هيءِ! سورت ٿي ساري،
هٽا تون تند طريق جي، وو! واجت سڀ واري،
هيءِ! هيءِ! سورت ٿي ساري.
سورت سرتين وچ ۾، وو! آئي او ساري،
هيءِ! هيءِ! سورت ٿي ساري.

١٠. نيٺي ٻروچا ٻارڻ ۾، ننڍ، ڪنارو، ڪنڌ،
"ته جهوني ناه ڪين، جو نو چارڻ! ڪئو
اي شڪر الحمد، جن مٿو ڳهريو، مڱڻا

١١. ڪنجهي ڪيرت ڪيترو، واجو ولاتي،
هنئي ننڍ حضور ۾، ته پارس پيرالي،
ڏسنده ڏياچ کي، ظاهر ٿئو ذاتي،
ڪڏي تـه ڪاتي، وڌو ڪرت ڪپار ۾.

١٢. ڳل چنو ڳرنار جو، پٽڻ ٽيون پٽين،
سهسين سورت جهڙيون، اپيون اوسارين
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگار ٿو ڏين،
ناريون ناڻ ڪرين: "راجا رات رمگيو"!

١٣. پاسنگ جه پيش ڪئو، تـه ڏنو ڪين ڏ
مٿو نيئي ماچ، وڃي ڏور ڏک ٿئو.

نُوري - ڄام تماچي

سُرُ ڪاموڏ

داستان پهريون

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَن جُوءِ،
پَسِي راڻِن رُوءِ، مَتان ماڳِر مَٽيين!

تُون سَمُون، آئُون گَندِري، مُون ۾ عَيب اَپارَ،
پَسِي لِي لَغارَ، مَتان ماڳِر مَٽيين!

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَن ڪوڙِ،
پَسِي ڪِڪِي ڪوڙِ، مَتان ماڳِر مَٽيين!

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَن ويهَ،
پَسِي مِڪِي ڏِيَ، مَتان ماڳِر مَٽيين!

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَن لَکَ،
هِنَ مُهِجِي حالَ جي، توکي سَڀ پَرکَ،
ڪارڻِ رَبَ اَلَکَ، مَتان ماڳِر مَٽيين!

تُون تَماچِي، تَڙَ ڏَڻِي، آئُون مُهاڻِي مِي،

"ڏيندو سانءَ"، ڏياچُ، چي، هِي سِرُ سِينگاري،
هَيءَ! هَيءَ! سورَ تي ساري
هِي جو آيو مَڱڻو، سو مَنارا ماري،
هَيءَ! هَيءَ! سورَ تي ساري
دوسَ دوسَنا دورِ ڪئو، تو ڏيا ڏيکاري،
هَيءَ! هَيءَ! سورَ تي ساري
ڪَنڌُ مُهجو ڪانيو، نيهَ سَندي نعري،
هَيءَ! هَيءَ! سورَ تي ساري

اُنين جيئون آريُون، سَمِي ڏيءَ ڪيرُ سَهي ؟

١. جارِيُون، ڪاريُون، چيچ، چِيريُون،

جِن جي محبت مِڇي ساڻُ،

ڏِھَن، وِھَن سِر بانڌِيين سِيپِٽي بَدبُوءِ ھاڻُ،

لُڏڙِن جِن، لَطيفُ چي، پاڻي وِجهن پاڻُ،

تِن مَلاحَن جو مانُ، سَمِي سِر ڪڻو پاهِجي.

١. ڳَنڍ جِن جي ڳوڏِ ۾، پابوڙا پوشاڪ،

اُنين جي اوطاق، راجا رِيجهي آئيو.

١. ڳَنڍ جِن جي ڳوڏِ ۾، پابوڙا پينامُ،

اُنين کي اِنعامُ، ميرُ مِڙيوئي ڏِنو.

١. ڳَنڍ جِن جي ڳوڏِ ۾، مٿن ٿي مُوڙيُون،

اُچِن سنيوڙيُون، سَمِي جي سَلام ٿي.

١. ٿَڌا ٿَماچِي جام سين، مُهاڻا مَحرُومُ،

ٿَنڍي وَڏي ڳَنڌِرِي، مَٿي ماڙي ڏُومَ،

مون ڏهاڳ مڙئي، آئون جا نالي سيس ٿهج

٧. تون تماچي، ٽڙ ڏٺي، آئون ڪنڌري غريب

تو سين جام! قريب، ڪين ڏن ڇڏائي ڏيج مو

٨. ڪاڇ جنين جو ڪکيون، مال جنين جا مڏ،

سمي سيٺي سيڻ ڪنا، هيڻ جنين جا هڏ،

جام ڀرتيءَ لڏ، سانگين جي، سيڌ ڇي.

٩. جارا ۽ ڪارا، مال جنين جو مڱڙيون،

تماچي جي تڪيي، اڇن سوارا،

مي مڇي مارا، سمي سي سيڻ ڪنا.

١٠. ڪکي هاٺيون ڪاريون، ڇيڇي هاٺا ڇيج،

پانڌ جنين جي پالد سين، لڳو تيي لڄ،

سمون جام سهج، اڀو ڪري اُن سين.

١١. ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مورنه موچاريو

وني وينيون وات تي، ڪکي جيون ڪاريون

سمون سر سين ۾، مي مور ڇٽو سوءِ،
اَڇيو اُڀين پوءِ، حجت پڳي راڻيين.

٢. مي مڇي ۾ هٿرا، وڻي ڪري وَرن،
راءِ اَڳهم رکيي، مهاڻي منجهه من،
تماچي جي تن، ڳاليون ڇيس ڳجهيون.

٢. هٿين، پيرين، اَرڪٽين، مه نه مهاڻي،
جنءِ سڳو وِچ سرندڙي، تنءِ راڻن ۾ راڻي،
اَصل هئي اُن کي، اَهل جاماڻي،
سمي سڃاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻاهه ۾.

١. ٿهڙو ڪنجهر ۾ ڪين ٿيو، جهڙي سنه سنڌياس،
مڏ، مياڻيون، مڪڙا، مڙئي معاف ٿياس،
مور چال مٿاس، اِيو تماچي تي هٺي.

١. لڙ تماچي جام جو، تماچي تڙ راءِ،
تماچي جي تڪي تون تماچي ڳاءِ،

جي ڪنجهرِ، جي ڏوهرَ، سي سَڀِ اِنعامي ت

١٧. نَ وَڍي، نَ وِڪڻي، نَ ماري، نَ ڌاري،
ڪارو وڌائين ڪوهُ ۾، ڏُڻون نهاري،
سائي پرِ پاري، جا گهرِ سمي جي سپچي.

١٨. نَ وَڍي، نَ وِڪڻي، نَ ڪَٽي ۾ ڪاري،
اُهڃ، سَهڃ، ساهمِيُون، ڏُرِثا نَ ڌاري،
سائي پرِ پاري، جا گهرِ سمي جي سپچي.

١٩. پاهوڙو پيشِ ڪئو، ڏئون ڏوري نيڻي،
حاضر هيون هڪيون، سمِيُون سيڻي.
نوازي نيڻي، گاڏي چاڙهي گڏري.

٢٠. مُهاڻي جي منَ ۾، نَ گيرُب، نَ گاهُ،
نيڻِ سين ناز ڪري، رِيجهايائين راهُ،
سُهون سين ملاحُ، هيرِيائين حرفت سين.

٢١. نُوري جي نياز جو، عجَبُ اَجهل هوءِ،

پَسو جو پيدا ٿئو، جوهري ڄاڻائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

موتي مڇيءَ هٿ تي، ڪوڏن جِنءَ ڪڍيائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

ماڻڪ مياڻِ ۾، ڇلڙن جِنءَ ڇڻيائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

ڏيئي سون سُوال ۾، ڏيهي راند ڪيائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

پاڻيٺ آڻي پاڻ سين، لعلون سڀ لُٽيائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

فيروزا فقيرن تان، گهوري سڀ گهوريائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

اُني، عَبدُاللطيف چئي، اُجلي اُمل ڏِنائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

تہ توں تماچیاء، تماچي تہ لهين.

٢٦. ڪوءِ سميون! ٻن سومريون! جي اَچن اُنهي ٻا

ور سي ڪنجهر جائيون! جن تماچي جي تا

راڻين ملا راس، ماڻڪ مي پرائيو.

وائي: هيري هٿ وڏائين، ويهي سائين وچ ۾.

نوازش نوڙي جي، آهي تماچي تائين،

ويهي سائين وچ

گندي گوشو ڪئو، عطر اوت او تيائين،

ويهي سائين وچ

اُنڌا، منڊا آئيا، سخا سڌ وڏائين،

ويهي سائين وچ

پسو جود جوان جو، ڪو هنڌ ڪون مڃيائ

ويهي سائين و

قيمت ڪميڻن سين، جهڙي وٽ ونيائين

ويهي سائين و

٧. ميءَ هٿ ۾ مکڙي، جام هٿ ۾ جارُ،
سڄو ڏيهه شڪار، ڪنجهر ۾ ڪالهه هئو.

٨. نوريءَ جي نوازئو، تئو تماچي تي،
ڳاڙهي چاڙهي گندري، ماڙهو ڪئو مي،
ڪنجهر ڇندا ڪي، نه سڄ سيائي ڳالڙي.

٩. جاما اڳي جي جائيون، تن جي نِرت نوريءَ ڪي ناهه،
نه منهن نه مار ڪي، نه وَڃن ڪهه ويهاءِ،
سي ڪنجهر ڪنديون ڪاهه، جن تماچي ٽڪئو.

١٠. نه ڪهه جايو جام ڪي، نڪو جام وياءُ،
نندي وڏي گندري، سيِن آهه سياءُ،
"لم يلد ولم يولد"، اِي نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچي جام جو.

١١. پکن پوءِ پڇار: "اڄ تماچي آئيو"،
هرڪن ملاحن جا، مٿي باندي پار،

داستان ٻيون

١. سر سلامت سڄڻ ين! مر ڪئي! تون م مريج!

آهيين نار اکين جو، وڻان مون م وڃيج،

تماچي! تڪيج، ڪو ڏيه ڪنجهر ڪند يين.

٢. ڪو ڏيه ڪنجهر ڪند يين، تون تماچي! ت

اُنهو ڏٺو م اڳ، مون ڪر ملاحن م.

٣. هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي پرين سڌام،

ڪوڙيين ڪاج سڌام، اڄ سڌو ڪون رهيو

٤. هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي م وڙاءِ،

اچي وڃي وچ م، تماچي جي ساءِ،

لڳي اُتر واءُ، ڪنجهر هندورو ٿيي.

٥. هيٺ جر، مٿي مڇر، ڪنڌي ڪونر ترن

وڙيي واهوندن، ڪنجهر ڪتوري ٿيي.

٦. سمبون ڪري سنگار، راءُ ريجهائڻ آئيو

جام هٿ م جار، جلي جيرن وچ م.

ليلا - چنيسر

سُر ليلا-چنيسر جا بيت سنڌ جي مشهور قصي
لا-چنيسر تي ٻڌل آهن. عيسوي ١٣ ۽ ١٤ صدين ۾
نڌ تي سومرن جو راڄ هو. انهيءَ عرصي ۾ چنيسر جام،
١٢٨٨-١٣٠٦)، ديول ڪوٽ، جو حاڪم، نامياريو راڄ-ڌڻي
ي ٿيو آهي. سومرن جي داسڙو شاخ جو جام چنيسر،
شمت ۽ حسن جي ڪري هرهنڌ هاڪارو هو. سيڪا
ونهن- مٺي سنڌس سهاڳ لاءِ سڪندي هئي.

ساڳئي وقت سولنڪي راجپوت راڻو ڪنگهار، لکپت
در جو صوبو هو. ڪيس ڪَونروءَ نالي هڪ نياڻي هئي.
ڪونرُ سونهن ۽ سمجهه ۾ سَبر، پنهنجو مٽ پاڻ هئي.
نهن ڏينهن ڪونروءَ هيج منجهان پٽي پاڻ سجايو ته
ندس سهيليءَ مٿس چٿر ڪندي چيو، "هار سينگار
انين پيئي ٿي ڪرين، پرءِ چنيسر سان چاهه رکيو
ئي!" هن طعني ڪونروءَ کي تمام ڪري وڌو. هوءَ
ڏئو چنيسر تي چڙي ٿي پيئي. راڻي ڪنگهار کي
ڏهن هن ماجرا جي خبر ملي ته هوءَ چنيسر سان سڱ
ڻ لاءِ نه خواهان ٿيو، اَلبت فقط اُتاوو هو ته
ڪڏهن چنيسر ناڪار ڪئي ته ڳالهه ڪسي ٿي
ندي. انهيءَ ڪارڻ اها رٿ بيهاري ويٺي ته ڪونرُ
سنڌس ماءُ وڻجارڪو ويس ڪري، ڪنهن پر چنيسر
رجهائي، من جي مراد پوري ڪن.

وَڏِي ڄامَ ڄمارَ! ڄڻه ميائيُون موڪيُون.

١٢. پَڪا پَڪارِئو، ڄامَ تماچِي آئيو،

ڳُندُرَ لاهيو، ڳندرِيون! آنڻَ اُڄارِئو،

ڪنجهُر قرارِئو، سمي سامَ بخشي.

١٣. ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اَڪرِين ۾،

تُنُ تَماچِي ڄامَ جو، نايُون پاڀو نِي،

عشقُ اِيَ ڪري، جنُ ڄارو ڄامَ ڪُلي

وائي: ٿِهڪي ڪيرُ چوندو مي؟ اَڙي! اِيَ سمي ڄ

سمي جي سهاڳ جو مِنڍو ٻُتو مي،

اَڙي! اِيَ سمي ڄا

جنِ وِهڻ نه ڏِني وَٽ ۾، تنا سلامي

اَڙي! اِيَ سمي ڄ

عالمُ اِنعامي ڪئو، نُوري ناز ڪري،

اَڙي! اِيَ سمي ڄا

زماني جي ڏولاوَن اُسانجو هيءُ هيٺو حال ڪيو آهي.
ڏٺيءَ نوسان ور ڪيو آهي. اُسان ٿي جي هٿ رکيءَ
۽ دعائون ڪندي رهنسونءَ. گهرُو ڪم ڪنويءَ جاٽون،
وسون ڪين گهٽائيندي رهنسين. ڪجهه ٻاجهه ڪر." ليلا
جي دل نيٺ پڳي ۽ ڪونرُو ۽ سندس ماءُ کي ٻاٽوت
ڪم هاج لاءِ رکيائين.

وقت پنهنجي رفتار وٺيو نبرندو رهيو، مگر مرڪيءَ
۽ سندس نياڻيءَ کي چنيسر جام هٿ ڪرڻ جو وجهه
ڪين مليو. سياوهڪ ڀٽيءَ دلگير ٿيڻ لڳيون. ڪونرُو
وڃاري ته لڪي ڇپي پيٺي هنجون هاريندي هئي.
هڪ لڳا چنيسر جو سيج وڇائيندي ڪيس پيڪا ڏينهن
ياد آيا ۽ اُچانڪ سندس اَکين اُجهل لڙڪ لاڙڻ شروع
ڪري ڇڏيا. اتي ڪنهن سانگي ليلا ۾ اُچي سهڙي،
جنهن ڪانئس گوڙهن ڳارڻ جو ڪارڻ پڇيو. ڪونروءَ
گهٽو ٿي ٽناپو، پر نيٺ سوُر سلٽو ڀيس. چوڻ لڳي ته
"سانئڻ، آءٌ به تو وانگيان هندورن ۾ پلي آهيان. جنهن
وهل آءٌ ويس وڳا ڪري نوَلڪو هار ڳچيءَ ۾ وجهي تيار
ٿيندي هيس، ته هار جا موتي ماڻڪ اهڙا ٻهڪندا هئا
جو اوندهه ۾ سڀ وارو سوجهرو ٿي پوندو هو. اهي
سڪر ڏينهن سار پندي نيڻ پرجي آيم." ڪونروءَ جي
ڪهاڻي ليلا کي دل سان نه لڳي، سو ٿاٻتي گهرايائينس،
جنهن ٿي هوءَ ست ڏيئي، دلي ڪٽي آئي ۽ جنن ٿي
پنهنجو نولکو هار ٻاهر ڪڍيائين ته ڪمري جي ٻهڪ

سفر تي سامان سنباهي، ڪنرو ۽ سندس
مرڪي وهت پلاڻي، وطن واري ندي اڪري،
ڏيول ڪوٽ ۾ سهڙيا هون. هيڪن ماڻهن مان سڀ
ته سندن ڪم جڪري وزير مان اوس ۽ آسان رهت ت
سو، ساهس ساري، ڪو سچالل شخص ساڻ
آهون جڪري جي جاءِ تي، ۽ وجهه ملڻ تي ساڻس
حال اوريانون. پيرانتي رهت حقيقت کان واقف
جڪري وزير سودو سڙو سمجهي، ڪين دلداري
ته "رکو رب تي، سڀ چڱي ٿي پوندي." سو
ته چنيسر جام، ڪنروءَ جهڙي ڪنوار حاصل
پاڻ مٿس وڏيڪ راضي ٿيندو.

پٽي ڏينهن وجهه ملندي، جڪري پنهنجي حاڪ
ڪنروءَ جو ذڪر ڇيڙيو. ڪنروءَ جي سونه
وستار سڻي، چنيسر ڀيرين ڀيرا ڪي ڪجهه هرڪ
پنهنجي پت. راڻيءَ ليلا جي ياد اپندي هن آ
موٽائي ڇڏي. ليلا، چنيسر کي اهڙو ڇوڪندو پ
وس ڪري ڇڏيو هو، جو جڪري کي لاچار نراس
وڃڻو پيو، ۽ جڏهن ڪنروءَ ۽ ماڻس کي جواب
ته سندن ڇيڪ ئي ڇڏي پيا. آخر پيو ڪو اپاءُ نه
ماءُ ۽ ڌيءُ رت رُني ته محل ۾ پورهيتيون ٿي
ڪري، ڪنهن پر راڻي رهجايون. انهيءَ ڪار
اسباب نيڪال ڪري، غريباڻو لباس پهري،
وڃون ليلا وٽ. ڪيس ليلا نيندي چيانون، "

ندر ڪري، ليلا کي دل ٿان لاهي ڇڏيائين. ليلا کي
۽ خواب خيال ۾ ڪين هو ته مٿس ڪو ھھڙو وقت
ھندو، سو ۾ سندس ني ھٿن دوارن. گھٽيئي وس
ڪيائين، مگر ھڪ ۾ حيلو نه ھليس. نيٺ نراس ٿي،
ٽيون سنڀالي، پيڪي گھر ھلي ويئي.
سالن پڄاڻان نڻ نھي آيو. جکري وزير جو ليلا جي
پيڪي ڳوٺ ۾ سڱ ٿيل ھو. اھو سڱ ڏيڻ کان ڳوناٽن
ٻري واري جيسترڻي ليلا جي مسئلي جو ڪو خاطرخواه
بيرو نه ٿيو ھو. جکري وچي ليلا جا پير پڪڙيا، جنھن
فقط اھو شرط وڌو ته "چنيسر جام کي شادي ۾ ٻھاني
ٺت وٺي اچ." جکري وزير چنيسر کي شادي ۾ جي
ڄج سان ھلڻ لاء مس ڪري مڃايو. جڏھن جڃ ڳوٺ
پھو آئي ته ڳوٺ جو پيشڪو سندن آجيان لاء اچي
ھڙيو. ڳوٺ جون نينگريون چنيسر جي شان ۾ ناچ لاء
نيري آيل ھيون. رواج موجب نينگرين جا منھن ڍڪيل
ٿا. ناچ واه جو وڌائون؛ تن ۾ مکيه ناچڻي ۽ نرالو رنگ
چايو. سندس ڊول ۽ ڍنگ چنيسر کي اڻ-ڏٺي
ٿس موھت ڪري ڇڏيو. چنيسر جام کان وڌيڪ رھيو
ٿيو، سو ھنکي گھونگھٽ ھٽائڻ لاء چيائين. ليلا
ي ته اھڙو وجھ کپندو ھو، سو منھن کولي سندس
ورن ڏي وڌي. ھيڏي وڇوڙي بعد ھيئن ميلاپ
و جڏيو سھي نه سگھي ۽ مورچا ٿي ڪري پيئي.
نيسر ۾ کيس چت ٿان صفا لاھي ڪين ڇڏيو ھو،

ٻيٽي ٿي پيئي. ليلا سياءَ جي ڪجهه چلولي هئي ۽
مٽين سان سندس خاص دل هئي. هار ڏسي سندس
نيڻ ٽمڪڻ لڳا. هار تي دل اهڙي سرڪي وئس جو
ڪنروُ کي للڪار ڪندي چيائين: "گهر جيڪي
گهرٽو هجيئي، پر اهو هار مونکي ڏي." ڪنروءَ ٻه
هي ۽ سونو وجهه هٿان نه وڃائيندي، چيو، "هار هوند
توتان گهوري ڇڏيان جي چنيسر جام سان هڪ رات
رهاڻ ڪرڻ ڏيم." ليلا هار تي اهڙو ھرڪ هاري وئي
جو سمڪ ڪانهه رهيس ته ڪهڙو قهر ٿي ڪريان ۽
ڪنروءَ کي ڪٽي هڪدم "ها" ڪيائين.

تنهن رات قضا سان چنيسر نشي ۾ الوٽ ٿي رات
جو دير سان پنهنجي ڪمري ۾ آيو. ليلا پنهنجي هٿن
سان سندس ٻانهن ڪنروءَ کي ڏيئي، پاڻ نڪري
وئي. ڪنروءَ ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي ته چنيسر
کي سجاڳ ڪريان، پر هو اهڙي غشيءَ ۾ هو جو جاڳ
ئيس چوني! ڪنروُ سندس پيرانديءَ کان پٽ ۾
ويهي اوجاڳو ڪيندي رهي، تانجو اسر جو پاسو
ورائيندي، نرالي هٿ ڇهندي، چنيسر اک پٽي. ليلا
بدران ڪنروُ پسي، سندس حيرت جي حد نه رهي
ڪجهه چل ڪپٽ يا ريب سمجهي هن ڪنروءَ کي
سخت ڇينڀيو، مگر جڏهن ڪنروءَ جي واتان حقيقت
ڪنن سان ٻڌائين ته طاق لڳي وئس، ۽ سالن جي
محبت منٽن ۾ ميٽجي وئي. ڪنروءَ جي قرباني جو

ي، مٿي ٿي محب نه مٽي ها. اها ليلا جي هلڪڙائي
چلولائي هئي، جنهن ڪيس چيمبر کان ٻري ڪيو.
ٻري جانب همت رکڻ خاطر پنهنجي ۽ پڇتائي ڪئي.
ط ناز نخرو هر وڳ ڪٿب کين ايندو. ڪنهن وڳ
امتحان ضرور ٿيندو، ۽ جي پنهنجي پڇتائي نه
وندي نه محب وڃائڻو پوندو، جنهن ليلا کي ڪرڙو
و. اهڙه چيز کي همت ڪرڻ لاءِ نه فقط ڪافي ڪشالو
ڪيڻو ٿو پوي، پر ان جي حفاظت لاءِ جي وڌيڪ نه،
ايترو ٿي نه گهٽ ۾ گهٽ خبردار رهڻ ضروري آهي.
هو نه دنيا جو دستور آهي. ليلا سمجهيو هو نه چيمبر
ت ڪري، مٿس اهڙو جادو ڦيرڻو آهي، جو هوءَ
نڪان اصل کين ڦرندو. اهو سندس سڪڻو همت هو.
ا ڪيپ ڪٽي ليلا سمجهيو نه آءٌ ٻه ڪا چيز آهيان.
ڪبر ٿي ليلا کي ڏوکو ڪارائو ۽ ڏهاڳ جو ڏنڀ ڏيارڻو.
ي سرتيون جي ليلا جي خوشقسمتيءَ سان رهس
ڪندڻون هيون، سي ٿي ساهيڙيون سندس "جونئو ڪم"
سي، مٿس چٿرون ڪرڻ لڳيون. پر ليلا جلد ساڳاهي
ڙو. جڏهن سندس آزيون نيزاريون ٻه نه هليون ۽
س پيڪو در ڏسڻو پيو، تڏهن همت جي هاڃيءَ
ي ڪل پيس. "تڪبر عزازيل را خوار ڪرد"، مشهور
ڻي آهي. ڏهاڳ جي ڏنڀ ڪيس اندر جاچڻ ۽ پاڻ
ارڻ جو وجهه ڏنو. محسوس ڪيائين نه چيمبر جام
ندس سينگار ٿي موهت کين ٿيو هو، پر سندس

سو ٻہ ھن اَچانڪ گڏجاڻيءَ جو تاب سهي ڪين سگهي
۽ ليلا سان گڏ ساه ڇڏيائين.

ليلا-چنيسر جي قصي، لوڙي شاه صاحب جي آر
قصي تي ٻيهار ٻل ”سر“ ۾ ٻن خاص ڳالهين تي زو
ڏنل آهي. ديدي لوڙي روحاني نڪتہ-نظر کا
هلڪائي ۽ هٺ انسان کي ڪيرائين ٿا. ليلا اِهو ڏ
کائي، سبق سکي ۽ فنا ٿي حق (پيتار) حاصل ڪيو
شاه صاحب پنهنجي من تي قابو پائڻ ڪاڻ ليلا-چنيس
جو قصو دهرائي، پاڻ کي پختو ڪري ٿو. پنهنجي س
ڏک کائي سگهڻ بدران هو اَڳوات ٻئي جو آزمودو دل
سان هنڊائي، قدم اَڳتي وڌائي ٿو.

ليلا، چنيسر کي پنهنجو ڪيو هو. اِها ڪا گهٽ
سوڀ ڪانہ هئي. چنيسر کي ليلا جو ايڏو خيال هو ج
سندس وزير جکري جڏهن ڪيس ڪونروءَ جهڙي
موهڻي مٽ کي پنهنجي پٽ-راڻي ڪرڻ جي آ
ڪئي، تڏهن هو پاڻ تي قابض رهيو. چنيسر هاڪار
حاڪم هو. سندس حشمت ۽ ڏهڪاءَ جو ڏونڪ
هرهنڌ وڳل هو. اَهڙو دهشت وارو داسڙو هٺ ڪر
اَهڙي جهڙي ڪامڻيءَ جو ڪم ڪين هو. سياوڪ ل
کي اِنهيءَ تي فخر هو. پر اِنهيءَ جو اِهو مطلب ڪ
هو تہ چنيسر هٺ ڪرڻ بعد هو سندس پڌو پانهو ه
جيڪڏهن هن سندس عشق وچان ڪونروءُ تہ ڪ
ڪري ڇڏي، تہ ليلا لاءِ ٻہ لازم هو تہ هوءَ ٻہ هلڪ

سالڪ ڏٺيءَ جي جستجوءَ ۾ پڻ هڏ پنهنجي حقي
س تان ڪسڪي وڃي سگهي ٿو. سالڪ بعضي نفس جي
ندي ۾ ڦاسي، اوجهڙ ۾ وڃيو پوي. هوءَ حقيقي
محبوب کان منهن موڙي، مجازي مزن ۾ محوُ ٿيو وڃي.
ساڳيءَ طرح سالڪ کي طريقت جي واٽ ۾ مڪاشفا ۽
مشاهدا حاصل ٿيندا آهن، جي جتائدار نه ٿيندا آهن؛
ر سندن ڪشش سالڪن کي موهت ۽ مست ڪري
ڇڏيندي آهي، ۽ هوءَ حق جي ڳولا ڇڏي، الٽي
نڪي بيهجي ويندا آهن. اهڙي حالتن ۾ سندن اضافو
وڪجي ويندو آهي ۽ ڪين سخت عذاب ڏسڻا پوندا
هن، تانڪ اهڙي پل کان ٿو به ڪن.

ليلا، "رساٽي راجا" چينسر جام پنهنجي وس ڪيو
و. چينسر جو چت ليلا تان هٽي نٿي سگهيو، جيتوڻيڪ
ڪونروءَ جهڙيءَ ڪامڻيءَ جي به آڇ ٿيس. ليلا کي
ن خوش قسمتيءَ جو پورو قدر ڪرڻ ڪپندو هو. چنيسر
جي مٿس راضپي جهڙي بي وٿ ٿي نٿي سگهي. پر
ليلا ڳهيلائي ڪري، چينسر جي سوڀن سڪن جو پورو
ندر نه ڪري، ڪونروءَ جي هار تي هرڪجي، ڪتيل
ازي هارائي ڇڏي ۽ چنيسر رسائي ڇڏيو. پوءِ گهڻو ئي
ليلا پائين، پر حتاڻو گهر في الحال نه ڇڏڻو ئي پيس. پوءِ
ه پئي پاڏاپائين. جڏهن پاڻ مان سوارت ۽ چلولائي
ڪڍي، انڌر اوجل ڪيائين، تڏهن مس ذات پيو، ۽
پنهنجي حضوريءَ ۾ جاءِ ڏنائينس.

نڙت ۽ نياز لئي. جڏهن ڪيدو ۽ آبو پاڻ مان ڪڍي
اچي اجري ٿي، تڏهن وري محب سان وصل نصيب
ٿيس. دنيا ۾ به آخر سوڀ نماڻي ۽ پختہ دل انسا
جي ٿئي ٿي. پيا سڀ چوٽ چڙهي ٿا، اڇيو پٽ پو
"سر ليلا - چنيسر" ۾ خاص طور تڪبرءَ جي غير
جو ذڪر اچي ٿو. صوفي انهيءَ وساه جا آهن
تڪبر پيدا پاڇارو آهي، پر هوءَ "وساڻو" به هڪ ن
آهي. هوءَ پنهنجي امرن جي انحرافي اصل معاف ڪ
ڪري. جڏهن سالڪ کي هڪ دفعو مشاهدو ٿو ماڻائي
تڏهن جو ٻئي طرف ٿڙڪڻ قيام ڪرڻ برداشت ڪند
سچي سالڪ، جڏهن حق جو هڪ دفعو ٿي ليئو پا
لطف ماڻيو آهي، تڏهن کي منزل مقصود ڪانسواءِ ب
پاسي ڏيان ڏيڻ جو ٻه اڌڪار ڪيڻهي. جيڪو سالڪ
سچ جي سڙڪ تان ٿورو ٿي ٿڙڪي ٿو، تڏهن
ڏهڪاءِ پريو ڏولاڻو ڏسڻو پوي ٿو، ۽ جيسين
اندر مان سڀ تڪار ڪڍي، هڪ تڪبرءَ ۾ ڏيان
نڪايو آهي، تيسين سندس نيتارو نٿو ٿئي. آدم
کي به الاهي عهد ڀڃڻ ۽ نافرمانيءَ سبب ٿي ته بهش
مان نيڪالي ملي. شيطان جي چوڻ تي جنت جي نع
ماڻيندي، هن منع ٿيل ميوو کاڌو، جڏهن ڪري ڏ
جي حضوريءَ کان دور ٿيڻو پيس. سالڪ ڪيترو به ما
کي پيارو هجي، پر هوءَ هن جي قاعدي جي ڀڃڪ
ڪري نٿو سگهي؛ اهڙي نافرماني سندس ٿي آڏو ايند

ر چنيسر کي پوريءَ طرح ڀڃائيائين ڪين ته هوءَ ڪو
’ر پساڻو راڄاهه هو. ٻالاپڻ جي چلولائيءَ ڀڙ ليلا کي
ساهيڙين ۾ پيارو ڪيو هو، پر اهي ساڳيون سرتيون
تس هسڻ لڳيون هيون ته ليلا ڏاهي ته ڏاڍي هُئي،
اتري قدر جو چنيسر جهڙو جبرو حاڪم وس ڪيو
ئائين، پر هنکي پوريءَ ريت سڃاڻو ڪين هئائين ۽
و. لکو هار هٿ ڪرڻ لاءِ ساڻس ڏاهي ٿي. اِتي
شاه صاحب هڪ نازڪ نقطو پيش ڪيو آهي ته سوپ
ٽڙت ۽ منت جي ٿي ٿئي، ڏاهپ کي ته ڏڪ ٿي ڏسڻا
ون ٿا. تنهن ۽ آخرين داستان ۾ ڌڻيءَ سان ملڻ لاءِ
خاصيتن جو ورنن آهي. مالڪ وٽ ماڻو قبول ناهي.
ڌڻيءَ در قدر آهي نهٺائيءَ جو، لڄ ۽ حياءَ جو.
”پيئو تن در راڻ، جي پسي پاڻ لڄائيون.“

ليلا مان مراد آهي سالڪ جي، جنهن ذاتيءَ
وصال حاصل ڪيو هو، پر ڪونروءَ - شيطان - جي ڦند
۾ ڦاسي، مٺي تي موهجي، نفس جي مزن، بهش
جنسار جي فريبي ۽ ائي ٿا زيب تي هرکي، چنيس
ذاتيءَ - جي غيرت کي للڪاريو. انهيءَ ڪارڻ ٽي
کي ڏهاڳ، جو ڏنءُ ڏسڻو پيو. آخر جڏهن ليلا اُ
مان مڙئي غير گمان ڪڍي ڦٽا ڪيا، تـڏهن چن
سان ميلو ٿيس.

شاهه صاحب سر ليلا - چنيسر جي ٻيٽن د وارن پاڻ
۽ انهن مڙني کي جن جي وات ساڳي آهي — حق
تلاش — آگاهه ٿو ڪري ته هوش ۽ حوصلو سالم ر
نفسي اي ٿا سوُنهن تي پيلجي نه وڃو، منزل مقص
جو نقش هميشه پاڻ اَڳيان چٽو رکي ۽ اُن ۾ ڌيان لڳا
پور پيدا هلو، ته آخر پيڙا ٿي پار ٿيندا. پر جي ڪ
اَنڪجي ٻيهي رهيا يا ڌيان ٻئي طرف ڦيرائـو، ته
ڏسڻا پوندَوُ ۽ نئين سر جهاڳڻو پوندوَ.

سر ليلا - چنيسر جي پهرئين داستان ۾ ليلا جي م
تي موهجي، چنيسر وڃائڻ جو ذڪر ٿو اچي. ليلا پ
جا لڙڪ هاري ٿي، مٺيو مچ ۾ وجهڻ خاطر تيار آ
پر چنيسر جو نه مٽانس في الحال چت کڃي چڪو
۽ کيس ڏهاڳ، جو ڏنءُ سهڻو ٿي پوي ٿو. ٻئي دا
۾ ليلا جي تڪبر ۽ چلولائيءَ جو بيان آندل آهي.
بلاشڪ هندورن ۾ پلي ۽ چنيسر جو چت وس ڪيا

ليلا کي چوي ٿو تہ ” اي ڳهليي، ڇنيسر جهڙي چتر
سجان (چورنگ - سياڻو، سچاڻ) داناءَ دوست، جو دنيا
جو ڀروپ قدرو ۽ کيڏ جهت ٻرکي ٿو (ٻ رنگو لوکبيو)
ڌهنجو ٻاسو (سنگ، دوستي) ڇڏي، تون هڪ اي ٻقا
مٽيءَ تي موهجي وئينءَ!!“

I ۵- شاعر خيال دهرائيندي چوي ٿو تہ ”اي مورک
موڙهي) ليلا، هار تي هرکجي تو سمجهيو تہ ڪا وڏي
عيب کٽي آئم (انهيءَ ۾ پنهنجو شان سمجهيہ - کيءَ
رک). مٽيءَ چڪاڻ (چٽي) جون ڳالهيون کري ٿو
ڇنيسر جام جي هڪ نڪ پيار ۾ ٻاڻيهي فرق آندو،
ڌنهن ڪارڻ قسمت جو فيصلو تي چڪو (وري وہو ورق)،
لوکي ڏهاڳ جو ڏکہ (ڏنءَ) ڏسڻو پيو.“

I ۶- شاعر وڌيڪ چوي ٿو تہ ” اي ليلا، هار تي
ورکہ هاري، اهو خريد کري (ڳيڙءَ) تو ٻ انين هار
اڌي (هاري)، جڏن اکيچار انسان (کوڙہن کيا
کيترا) جو انهيءَ شيطاني (خر) اي ٻقا جنسارخانو
وراب کيو آهي - ڏٽيءَ کان ڏتاري کين پاڻ ڏي
کيو آهي. توسان ٻ انهيءَ کارڻ پنار ڇنيسر ٻگڙي
ٻو (ٻري) ۽ توکي ٻڻ ڏٽيءَ جو وڇوڙو سهارڻو پيو.“

I ۷- شاعر تو چوي تہ ”ليلا جو من ڦيرابو هو مٽيءَ
جي رڻ ٻوتل هٿا لنجي جهلکن ۽ چلکاٽن؛ ۽ هن
سمجهيو هو تہ کونرؤ سان ٻدل شرط (هوڏ) کٽي، اهو
ار آساني سان هميشہ لاءِ پنهنجو کندس؛ ٻو کونرؤ

سُر ليلا- چنيسر جي بيتن جي معنيٰ

I ١- ليلا ليلائيندي چوي ٿي تہ "اي چنيسر مون جهڙيون اي- وسيون (معذوريون) ڪي (لوڪان) وڇوڙي- ڏاهيءَ- جو ڏکُ (داغ) سدائين (دائما) ستائي ٿو. انهي ڪري ڌڻيءَ جي نالي (سائين ڪارڻ) اسان ڪان پري (ڏوريون- ڏور) نہ ٿيءُ. مان تنهنجي حاضريءَ ۾ (حضوريءَ، روبرو) اهو مڻيو (جنهن تي هرڪي توکي ناراض ڪيو آئم) ٻاهہ (مچ) ۾ ڀسم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

I ٢- وڌيڪ ورلاپيندي ليلا چوي ٿي تہ "آءٌ هار (مڻيو) آڳ حوالي ڪريان، ڪڏ (هاڻي، اونهي ڪڏ) ۾ وجهان. جيڪڏهن چنيسر (پيار) مونکي موٽي ملي (پري) تہ آءٌ هوند ٻيا هار سينگار (ميرياڻي) جي ۽ چمڪي ٻوان (خوشي ٿئيم، سهڻي لڳان، مان لهان)."

I ٣- هتي شاعر ليلا کي چيئيندي چوي ٿو تہ- "هيڏهو تہ ٻراٻر توڻ هار هتان ڇڏڻ لاءِ تيار آهين، پر چنيسر جام جهڙو محبوب نڪسڪ (ناڪر اڪٿين ٿار)، جنهن جو ڌاڪو چوطرف، ديس پرديس ۾ وڳل آهي (چوڌس، ڌينهان ڌيہ ڌهڪار) ۽ جو جبرو (سٽاڻو) ۽ گهڻو غيرتمند (ريساڻو) آهي، تنهنکي تو- لکي هار تي قربان ڪري ڇڏيو. اي ٻختاور (سوڀي) ٻانولي، تون تڏو مانجهاندو ڪري ڪيئن وڃي سگهين آهين (ڪرين ڪوه قرار)!"

I ٤- سائينءَ خيال جي وڌيڪ اپٽار ڪندي شاعر

پيل اُن ۽ ڳچيءَ ۾ سچن لعلن جو هار، سينڌ سرمي ۽
سينگار جي هيڪار حاضر آهي، تڏهن (نيلاهه) پاڻ
کانڌ (پي- پران) منهنجو قدر ڪرڻ (پچار) ڇڏي ڏنو
آهي.“ هتي شاعر ڏيکاري ٿو ته ڌڻيءَ وٽ ڏيکاءُ هرگز
قبول ناهي- سالڪ مالڪ وٽ تڏهن قبول پوي ٿو جڏهن
هوءَ دنيا ترڪ ڪري ٿو ۽ پنهنجي هستي مٽائي ٿو.

I ١٢- هن بيت ۾ شاهه صاحب چوي ٿو ته هيءَ
جو چنيسر ليلا تان چت ڪڻي ڇڏيو سو ڪو مٽيءَ سبب
نه، اهو معاملو (ماجرو) گهڻو اڳ جو مثل ٿي ڏنو. مٽيءَ
وارو ڪارنامو اُنجي فقط آخرين ڪڙي يا ڪڙي هئي.
هن مان اهو مطلب ٿو نڪري ته چنيسر ليلا مان گهڻو
اڳ ناراض هو، جو هوءَ چنيسر جام کان نت شت ۽
هار سينگار تي وڌيڪ ڌيان ڏيندي هئي. هوءَ پنهنجي
شخصي حسن ۽ ناز ۾ پيئي ڇڄندي هئي ۽ چنيسر سائنس
جيڪو فضل ڪيو هو، سو صفا پلجي ويئي هئي.

I ١٣- شاعر ليلا کي چوي ٿو ته ”جڏهن جکري وڏيرو
(ڏيرادار) دردلي (جر هاريو) نموني ڪونروءَ جي سچي
سڪ جو داستان چنيسر وٽ پيش ڪيو تڏهن ٿي چنيسر
جو چت توتان کڄهه هنيو (پ ولي تڏهن پليين)، پر
هنيلي ليلا، تو اُن ڏانهن ڌيان ڪونه ڏنو (ٿيءَ نه سار).
چنيسر هار جو ته فقط بهانو ڪيو هو. توتان دل ته
کڏهونڪو هتي ڇڪي هيس (لهنجي هوڏ ۽
هار سينگار سبب).“

جي ٻاڙي (ڪرٽ) موڙيو متانس ڦري آئي (منهنا متاهون ٿئي)، جو ڪيس ڏهاڳ جو ڏڻ نصيب ٿيو."

I ٨- شاعر ٿو چوي ته "اي ليلا، جڏهن هار ڪـي ڏسي تنهنجي دل سرڪي (ٻسي هار هرڪٽين)، سو سڄڻ رٺن جو جڙ ٻل ڪين هو (مٺيو ناه مٺيون)، اهو اَصل ڪيچ جـي ڪٽين جو تهيل هو؛ انهيءَ مار پٺي (گهوڙن هنئي) طلسمي هار گهٽن ٿي ڪي دوست ڪان ڌار ڪيو آهي، تڏهيءَ جي راه تان تتاريو آهي."

I ٩- خيال وٺڻڪ اُپتارينڊي شاعر ٿو چوي ته "ليلا، تو جو سمجهيو هو ته هار سک جو سينگار ٿيندو، سو ته حقيقت ۾ سوڙن جـو ڳت (سنگوم) ثابت ٿيو. چنيسر جام تو تان پنهنجو اَرواح متائي (چت ڪٽي) ڪونروءَ (ليلا وٽ پورهيت ٿي ٻينل) جو ٻاسو ورتو آهي. شل ڪو ٻه پتار پنهنجي ونيءَ سان ته رسي ۽ سائنس اَٽبٽت (اَوٽت) جي روش (آچار) اَختيار نه ڪري!"

I ١٠- اَڳيون زمانو ياد ڪندي شاعر ليلا جي صورت ۾ چوي ٿو ته "اَڳي ٻيشڪ مان پتار (ڪانڌ) وٽ رکياڻي ۽ اَپوڳي (ٻڌا هار سينگار جي) قبول هيس، جڏهن نه ٻانهن (ٻاهڙين) ۾ ۽ نه ڳچيءَ ۾ ڪو زيور (ڳـو) پيل هوم، نڪي ڪي ڦري ڪو سينڌ سرمو ۽ سنجت ڪيل هوم."

I ١١- حاضر حالت جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو "جڏهن هاڻ آءٌ ڇِني ڏکي، ڪنن ۾ سون جا تهيل ڳن

پيرانديءَ جهليو وٺي آهيان ۽ هميشه ڪر موڙيو سجاڳ
ٿي رهان (ته مان ڪڏهن ڦيرو ڪريان فضل جو)."

I ١٨- شاهه صاحب هڪ اعليٰ ڪلاڪار جيان هن بيت ۾ ليلا جي محل ڇڏڻ وقت حالت جو چٽو ۽ درديلو درش پيش ٿو ڪري. چوي ٿو ته "ليلا سامان تيار ڪرائي وڃڻ لاءِ جڏهن بلڪل تيار آهي، تڏهن وري به زارون زار پيئي روئي ۽ پنهنجي اُن جي لغام کي چيئي ڏيئي اُن کي ايوان (اڱڻ) ۾ جهڪائي ٿي، انهيءَ آسري ۾ ته هن ويل پڻ ڪو وڃي چنيسر وٽ سندس وڃڻ جي ڳالهه ڪري ۽ سندس ورلاپ جو وستار سڻائي ته شايد سندس دل پڇي!!"

وائي: ليلا پاڏائيندي چنيسر کي چوي ٿي ته "اي پريتم، تون پوڇي مون وٽ پاٺمرادو اچ، مون هار جي پهر ڇڏي.

ڪونرو ۽ سندس ماءُ پئي (بيٺي) منهنجي محل ٻاهران (ٻهرا) اچي منهنجي پچا پيبون ڪن (پڇن ليلا ۽ سٺون پيون سٿين (هوُ ڪن حيلا) مونکي ٿوڪان وڇوڙڻ جون؛ بس، مون هار تان هٿ ڪنيو، مون گهر تون پاٺيهي اچ. مون ۾ ايمان جمارائي (وساهي) مون کان منهنجو پتار (ور) ۽ سڄڻ (دوس) چنيسر (داسڙو) ڪسي ورتائون (نيئي)؛ مون هار جي پهر ڇڏي. پراتم (پي ولا) منهنجون سڀ (سپيئي) ڪسايون، اوگڻ ۽ پلون چوڪون (اوڳڻ، عيب مدايون) معاف ڪر؛ پنهنجي ٻاجهه سان پيڪ؛ مون هار تان هٿ پڇه ڪنيو.

I ١٤- شاه صاحب چوي ٿو ته ”چنيسر ته ڪافي
مدت کان ليلا سان ڪاوڙيل (ڏمرئو) هو. هار جو حيلو
ته جاڻي واڻي ورتائين. ساڳئي منزل جا پانڌيئڙا (سرليون)
ڌيان سان پڙهو (سٽو)، ڏٺي (ور) ڪنهن جي نه همت
وسيڪو ناهي، هوُ ڪنهنجي ڪين سٽي، هميشه
پنهنجي رکي؛ هوُ هرڪنهن سالڪ جي حجت ۽ همٿ
(دعوى) هڪدم (پهرئين دس) ٽوڙيو ٽڪر ڪريو ڇڏي.“

I ١٥- شاه صاحب ليلا جي صورت ۾ چوي ٿو ته
”شاديءَ رات پيئي وٽ رکيل پڪڙ لي چنيسر جي
پيرن جا منهنجي پيرن جي نشانن مٿان ٺهڪيل نشان
نه پيل ڏٺم (پوڇا)، تنهن ويل (وير) ٿيي مونکي شڪ
پيو ته مان جا اَج پريءَ مٿل پياري ڪنوار (پوڙي)
پڻي آهيان، تنهنکي ڪنهن ڏينهن مڙيوئي ڪانڌ ڪڍي
ڪوجهي ڪري ڪيدي ڇڏ يندو.“

I ١٦- شاه صاحب ليلا جي صورت ۾ چنيسر کي چوي
ٿو ته ”اي ڪانڌ چنيسر! مون اهين ڪين سمجهيو هو
ته تون ڪو ڪونروءَ کي منهنجو ڪمرو ۽ هنڌ هميشه لاءِ
والارڻ ڏيندين، ۽ مونسان ايڏو وڏل وهندو، جڏهن مون
ساڻس تو سان فقط هڪ رات لاءِ رهاڻ جو واعدو ڪيو هو.“

I ١٧- شاعر ليلا جي وس ۾ چنيسر کي چوي ٿو ته
”اي پرتم، کهڙي ڪارڻ (ڪهاڙ نا) تو وڏي واڪي
(پولائيو) مونتي ڦوت پوڏ ۽ ڦٽ لعنت شروع ڪري
ڇڏي. اي ڪانڌ، تنهن هوندي به آءٌ تنهنجي پلنگ جي

ٻاهريون سينگار (سنگار)، پوءِ اهو ڪٺي ڪيترو نه نرالو
هجي، (سٺين پٽين) پسند اصل ڪين پوندو (نه وڻي).
ڏٺي (داسڙو، پتار) سڄي پارکوءَ (ونجهار، جوهريءَ)
وانگيان دل جا خيال جهٽي ٿو وٺي."

II ۴- شاعر، ليلا جي لباس ۾ چوي ٿو ته "مون
سمجهيو هو (ڄاڻ ڪ، مون ٿي ڄيو) ته مان (هار پائي)
ڇيڇر (راو) کي اڄ محل ۾ (چڙهندس ڪٽ ٽي) اڳه
ڪان وڏيڪ ٻاڻ ڏي مائل ڪندس (رجهائيندس)، پر
ڏٺيءَ کي پيو ڪجهه وڻيو (اهڙو ٿي الله) جو مون هدران
ڪونڙُو ۽ سندس ماءُ (پورهيتون، جي ليلا جي محل
۾ ٻانهيون هيون) قبول پيون (پيش ڪري)."

II ۵- شاعر ليلا جي وس ۾ ورلاپي ٿو ته "مان ٻاڻڪي
ساوي ملڪ ۾ (ڏيهه) مڙني ڪان عقل واري (ڏاهي) ۽
ساهيڙين ۾ سيڌي ڪان سياڻي (سڄاڻ) سمجهندي هيس، پر
آخر مون ۾ اهڙي ڪا وڏ (ڪاڻ) ڪاهي پيئي، اهڙو ڪو
غلط ڪم ڪيم، جو هاڻ مدهن متي نٿي ڪٺي سگهان."

II ۶- شاهه صاحب هن بيت ۾ هڪ فيلسوفاڻو خيال
پيش ٿو رکي ته اجائي سياڻپ ڪڏهن ڪين ٿي اڳهامي،
وري نه هيناهين ڪم ٿي اچي. ليلا جي صورت ۾
شاهه صاحب چوي ٿو ته "ڪڏهن نه چالاڪ، چتر (ڏاهي)
نه ٿيان، (چو ته) سياڻن کي ڏک سهڻو ٿو پوي؛ مدهنجي
پتار (پرين، ڇيسر)، جڏهن مان ٻالي ڀولي (ڀوراٽي)
هيس، مونکي پنهنجي پيار سان پئي ڇڏيو."

اي پيارا (ڏاسڙا) تون وٽ (ڏر) اچي مان کهڙا
(ڪيهڙي) انگل (آرا) ڪنديس؛ هار ڀل ٻن ٻوي،
مونکي ڪين ڪهي؛

اي پلارا ڏٺي (دوس)، شاه عبداللطيف ٿو چوي،
"آءٌ پاڻ تو وٽ اچان ٿي (مونانج ڪيمَ) هار هڄارو
ڪيمَ ڪيم."

II ١- شاعر ٿو چوي ته ليلا پاهرين روپ (ٿوڪ) ڏسي، هٿ (لڪبر) ۾ اچي، پنهنجي سچي عهدي (چنيسر جي راڻي) تان هٽائي وئي (ٽرڪي). سيڪو (لوڪ) اچيو مٿس چٽرون ڪري ۽ چوي ته اڳرو قدم ڪنيءَ (اڳلي)، جنهنڪري ليلا جو اندر طعنن تنڪن سبب سڙي ٿوٽ (سوڪ) ٿي چڪو آهي ۽ وڃاريءَ کان اڳيون البيلائيءَ واري چال (پالاڻ جو ٻوڪ، جوانيءَ جي مستي) پڻ وسري وئي آهي."

II ٢- شاعر ليلا جي وس ۾ چوي ٿو ته "شايد (جيڪس) منهنجين ساهيڙين (جيڏين) کي منهنجي غلط (جوٺا) قدم (ڪم) جي سڌ پئجي چڪي آهي. (چو ته) منهنجون سرتيون مون مٿان پيون هسن ۽ کلن."

II ٣- شاه صاحب ساهيڙيءَ جي وس ۾ ٿو ليلا کي چوي ته "سياڻي (هوشيار) ته گهڻيائي هئينءَ، پر اها ڪل ڪانه پيئه (پئي) ته چنيسر جو سياءُ کهڙو آهي؟ تو سمجهيو ته هار پائي اچان ۽ وڏيڪ چمڪان ۽ ٻهڪان (موچاري ٿيان)، پر پنار (ڪانڌ) کي ڪوڙو (ڪوڙي)

هردم ڏهاڙي جو ڏر (ڪڏڻ) رهي ٿو،" ۽ ٻيءَ سٽ ۾
پاڻ ٿي ٿو جواب ڏئي ته "اِهو اِنهيءَ ڪارڻ ته جي هوُ
پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ لڳندا هُون (جنءَ جنءَ پاڻ ڀانئن)،
ته سندن ور ڪانئن ورچي ويندا (ور وڏوٽو ٿيهينءَ)."

II ١١- شاهه صاحب ٿو فرمائي ته "اَهڙو مشاهدو ٿئي
ته ماڻيان (گهورئو) جڏهن مان خودي اسري؛ اُنهن سوڻن
سختين کي سڌ ڪر، جن دوارن دوست ملي."

II ١٢- شاهه صاحب ليلا کي ٿو چوي ته "اي ليلا،
پنهنجا لڇڻ ۽ اَفعال (لڪڻ) ته جاچ (سارج). تون جو ڀتار
کي ڏوراڀا ٿي ڏين ۽ ساڻس نڪر ٿي ڪائين، توکي
کهڙي ڪل ته آخر ونس کهڙي ڳالهه قبول ٿي پوي."

II ١٣- شاعر ليلا کي چوي ته "اي ليلا، تو جو
ڀتار سان هٺ مباحثو ڪيو ۽ کيس رد قد ڏنو، تنهن
مان تو پنهنجو پسور پاڻ پڌرو ڪيو (لڪايو)؛ تو
سمجهيو هو ته چنيسر تنهنجي وس آهي، پر هنجي توکي
پوري پچاڻ (پرو) نه هئي، اِنهيءَ ڪارڻ ٿي ڪونرُ
تنهنجو ڏٺي پنهنجي هٿ آڻي سگهي."

II ١٤- شاعر ٿو چوي ته "ليلا مٺان (جم) چنيسر
سان سامهون پئين. ڳهيلي، ڀتار سان هٺ ڪرڻ مان
مورڳو پاڻ کي وڌي جت ۾ ٿو وجهجي. اي پورڙي،
چاڪاڻ ته هٺ ۽ غرور (پاڻ) ڪيءَ تنهنڪري وڃورڙو
سهڻو پِيءُ (آيءَ ڏنءَ ڏهاڙي جو)."

II ١٥- شاهه صاحب ليلا کي چوي ٿو ته "ليلا مٺان

II ٧- اڳيون زمانو ياد ڪندي ليلا ٿي چوي تہ
”مان اڳي گهرڌياڻي هيس (وڏيري هيس) ۽ منهنجي
گهر ۾ هميشہ ساهيڙين جا دس (ميڙو، ميلو) لڳا پيا
هوندا هئا؛ ڀر هار تي هرڪ هار پندي (هٿ ڇهڻ هار
جي) پنار (ڪانڌ) جو پيار وچام (ڪڙي ٿيس)؛ مون
ڀرين پاڻ ڪان ٻري ڪري ڇڏيو (ٻهلياس) ۽ وچڙي
جو دڪ (ڏنءُ ڏهاڳ) مٿان اچي ڪڙڪيو.“

II ٨- ليلا جي وس ۾ شاه صاحب ٿو فرمائي تہ
”چنيسر جي راج ۾ منهنجو مرتبو اعلىٰ هو (وڏيري
هياس)، هروقت موج مستي متي بيٺي هئي، ڪنن
تي دهلن، شرنائن ۽ ٻين سازن جا آواز پئي پيا، ڀر هاڻ
جڏهن پنار دڳہ تان هٽائي ڪڍيو آهي (ٻولي ٻهليياس)،
تہ مون جهڙو دکي انسان (ڏهاڳڻ) ساري ديس ۾ ڳوليو
نہ لڀندو.“

II ٩- ليلا دواران شاه صاحب ورلاپ ڪندي چوي
ٿو تہ ”جڏهن خوشي ۽ موج ۾ هيس (هندورن ۾) تڏهن
ڪل ڪانہ پيم (ٻرور، ساڳاهيم ڪين)؛ هار ۾ جي
ڪوڙيون ڪٽيون پيل هيون تن ٿي موهجي، راه گناه گهر
۾ گوڙ (مامرو) ڪاهي وڌم. نتيجو اهو نڪتو جو پنار
(ولهو، شاهوڪار، ڏٽي، چنيسر) ناراض ٿي ويو (وڻو
ولٽي) ۽ ڏهاڳہ جا عذاب ڏسڻا پيم (سامها ٿيا سور).

II ١٠- هن بيت جي پهرئين سٽ ۾ شاه صاحب سوال
ٿو پڇي تہ ”انين چو آهي (ڪهڙي ڏوهہ) تہ سهاڳڻين ڪي

آهي ته نئون (پاڻي پاند ڳچيءَ ۾) ۽ نهڻاڻي (غريبي)
سڪ ۽ ڏاڍيءَ اڳيان پاڻ ته پوءِ هوءَ ڪڏهن به توکي
پاڻ کان پري ٿي وڃڻ لاءِ نه چوندو.“

II ٢٠- شاهه صاحب فرمائي ٿو ته ”اي ليلا، تون
ڏاڍيءَ کي نيزارن سان ٿي (روئي) ريجهائي سگهندينءَ؛
ليلا، ڪيس منٿون ڪج (ليلائيج)، ڇو ته ليلائڻ سان ٿي
لالڻ پئي ٿو.“

II ٢١- ساڳيو خيال دهرائيندي شاعر چوي ٿو ته
”اي ليلا، آزي نيزاري نه ڇڏج؛ جي ليلائڻ سان ڏاڍي
نه سرچي ته وڏيڪ منٿ ڪجانءِ، نا اميد ڪڏهن نه
ٿجانءِ، ڇاڪاڻ ته مالڪ مهربان قدردان آهي.“

وائي- ”مونکي مهر ٿي آهي (وهر وري)، ڏاڍي
(ولهو) مونوت پيرو ڪندو. اي ڏاڍي توکي ياد ڪندي
آءٌ ساهه ڇڏيندس، منهنجو وارو ضرور ايندو.“

”اي ڏاڍي، اسان ڪانسواءِ تون جيئي ويندين، پر تو ڏاران
اسانجو جيئڻ محال آهي؛ مونکي وارو ڪيئن به ملندو.“

”اي مالڪ، توکانسواءِ اسانکي اندر اورڻ وارو ٻيو
ڪونهي؛ مونکي ضرور وارو ملندو.“

”او پانڌيئڙا، شاهه لطيف ٿو فرمائي ته ڏاڍيءَ مهر
ڪئي؛ وارو ضرور ملندو.“

III ١- شاعر، ليلا جي صورت ۾ اورڻا اوريندي چوي ٿو
”چميسر (پيار) سان ڪنهن (زال، سالڪ) کي به آرو
نڪل ڪين ڪرڻ ڪپي ۽ همت وڏائي، ناز نخرو هٽي (پرينءَ

چنيسر جهڙي عاقل ۽ ڄاڻوءَ (سچار) سان هٿ ڪرڻ؛ تون گهڻو ڪين ڄاڻين، مٿان (مچڻ) اِنهيءَ هٿ مباحثي ۾ پڄي نه سگهين (پوري نه پئين)."

II ١٦- شاعر ليلا کي صلاح ٿو ڏئي ته "اي ليلا، تون چنيسر سان هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهندينءَ. تو جنهن کي پنهنجي وَس ۾ سمجهيو آهي، سو درحقيقت حد غيرت وارو حاڪم (رساڻو راڄاڻ) آهي؛ هنڪي (ڪانڌ کي) پاڻ ڪانسواءِ (سالڪ جو) پئي ڏانهن ڏيان ڏيڻ (پاڻاڏار، پاڻ ڪانسواءِ پئي؛ پرپاڻ — پرپت، پرات جي نظر) ڪڏهن نٿو وڻي."

II ١٧- وڏيڪ صلاح ڏيندي شاه صاحب فرمائي ٿو ته "حاڪم (چنيسر جام) سان هٿ ڪري هرويرو پنهنجو پاڻ (پنهنجي هلڪرائي) پڌرو يا ظاهر نه ڪر (لڪاءِ)؛ هوَ ڏٺي (دوس تهجو داسڙو) وڏي صبر ۽ تحمل وارو آهي، جو تنهنجا عيب ۽ اوڻايون پنهنجي ٻاجهه جي پردي سان ڍڪي ڇڏيندو."

II ١٨- ساڳيو خيال ڏهرائيندي شاعر چوي ٿو ته "ڏٺيءَ سان هٿ ڪري پاڻ پڌرو نه ڪجي؛ اِنهيءَ رت خودي ڏيکارڻ سان ڏٺي ڪڏهن به وس نه ٿيندو؛ گهڻيئي لاڏ ڪوڏ واريون سندس در تي رُنديون ٿي رهجي ويون، پر ورپو ڪجهه به ڪين."

II ١٩- صلاح ڏيندي شاه صاحب ليلا کي سمجهائي ٿو ته "هٿ ۽ حجت ڇڏ. جيڪڏهن توکي سرپارو ٿيڻو

"ڪانڌ (ور) لاءِ واجهه نه هرڪو وجهي ٿو، ٻاهريون
ونڪو نه هرڪو هڻي ٿو، جڙت جڙيل ڳهڻا (جڙاءُ، نٿ،
ڙُلو، وغيره) نه هرڪا استري پائي ٿي، ۽ سيڪو
نين ٿو سمجهي نه (دل جو) راجا (راڄ) سنڌس ٿي
ڀهر (ڳڀر) ايندو، پر در حقيقت هوُ فقط اُنهنجي آڳند
چي ٿو جي پنهنجا عيب اوڻايون ڏسي لڄ وچان
ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺيون آهن."

III ٦- ليلا، چنيسر کي ليلائيندي، چوي ٿي ته
"اي ڌڻي، مون ۾ اَکيچار (اَپار) عيب (اَوگڻ) آهن.
ڻن نه ٿو مونسان رسڻ جي اَندر ۾ سٽ سٽي آهي،
اُن آڌو مونکي ڪوهه ٻچاءُ ڪونهي. اي ٻڏڪ رکندڙ،
پنهنجا اَوگڻ معاف ڪر، ٻڏڪ."

III ٧- ليلا ٿي چنيسر کي چوي ته "اي سپرين،
ن اَپاڻي (موڙهل مت) ٿيس، پر تون پنهنجو شان
جي نه وڃج؛ تون پنهه مورکن (اصل اوائن) جا پيڇد
وگڻ (عيب، اَٽ) ته بخش ڪرڻ ۽ ٻڏڪين ٿو.
ي ٻاجهارا پرين (پر)، تنهنجو انهي ۾ شان (پت) آهي
و تون ٻي-وسين (ولهيون، سڄيون) کي وسائين ٿو."

III ٨- ليلا چنيسر کي چوي ٿي ته "اي پرين،
نهنجي سيرت جي تڪ طور نه ڪڄ، ڇو ته مون ۾
ڪوهه گڻ (موڙهين) ڪينهي؛ مون وٽان پيرو ڪري
ارو ڏيئي) مونسان پال پلائج (ملهائيج).

III ٩- ليلا ٿي چوي ته "اي ڌڻي، ڪو ڏلاسو ته

وٺ) کين هلندو، جڏهن مون پاڻ ۾ محسوس کيو
هٿ هيٺاهين وڃڻ تي واجب آهي، ڇو ته آري ۽ ماڻي
تي ڇنيسر (ڏاڏي) جهٽ (سگهو) ڪاوڙجيو پوي،
وڇوڙي جو ڏنءُ (ڏهاڳ) ڏيو ڇڏي."

III ٢- ساڳيو خيال دهرائيندي ليلا چوي ٿي ته
"ڪاڻ (زال، سالڪ) ڇنيسر سان سامهون نه پوي، اهڙ
نه ڪري، ڇو ته ڪيس (ڪانڌ يا ڏاڏيءَ کي) ڪنهن ڏي
۽ هٿ وڌائي (گيرب ۽ گاءُ) کين ٿي آڻي يا وڃي
جيڪڏهن ڪٿي به سالڪ ٿورو ٿي (نهٺائيءَ تان
ٿڙڪيو ته ڏاڏي (داسڙو) کيس پڻ ڪاني (دسائي
مله، دسڻ، هار ڪارائڻ) ڇڏيندو."

III ٣- شاه صاحب فرمائي ٿو ته "پاهران ته هرڪ
اهڙو ڇٽيل ڏکيل (سيني ڳچيءَ هار، سهسين کن سينگار
پيو لڳي جڻ هرڪو پتار (ڏاڏي) پسڻ ڪاڻ خاص خواهان
آهي؛ پر ڪانڌ تنهنکي ملي ٿو (تنبين جي پيار) جي اندر
کن ٿيون (نياز ٿي سچو سينگار آهي)."

III ٤- ساڳيو خيال دهرائيندي شاعر ٿو چوي
"ڪانڌ (ڏاڏي) جي چاهنا ته سوين رکن ٿيون (جڙ
ظاهري طور ڏسجي ٿو ته کين ڳچيءَ ۾ اهڙا ڳهه [هس
آهن). ڪانڌ وس ڪرڻ خاطر ڪيترين ٿي سرتوڙ ڪوشش
ورتي آهي (وڏا ڪيائون وس)؛ پر ڪامياب فقط اهي
ٿيون آهن (صاحب تنهنجي سڙڪ [گس] تي پڌارپو آهي
جن نياز جي وات ورتي آهي."

III ٥- ساڳيو خيال ورجائيندي شاعر آکي ٿو ته

ڪرڻ ڏان ٻاهر آهن (او لامر سهان)؛ تو لاءِ سهاڳڻيون
سو ڻن آهن، ٻر مهنجو پيار تہ فقط تون ئي آهين؛ انهيءَ
ڪارڻ ٻريت پريا (ٻرتان) پيو پري مونوت اَچي، مون
مسڪين جو مان مٿي ڪج."

III ١۴- شاهه صاحب ليلا کي صلاح ڏيندي چوي
ٿو تہ "فضول لڄ ڦٽڪ ڪيم (جوش نہ ڏيکار)، ٻاڻ
اَئي گهر صاف ڪر (اَندر اَجار، ساڄن جي اَچڻ لائق
ڪر)؛ پنهنجي خودي (ٻاڻ) ۽ آڪھ (خاندان) جو غرور
ڦٽو ڪر (اَهو ڏاڏو گهور)، هستي ناس ڪر)."

III ١٥- ساڳيو خيال دهرائيندي شاعر فرمائي ٿو
تہ "جوش ڪرڻ (لڄ) بيسود ۽ اَجايو آهي، (تنهنڪان تہ)
اَئي آڳند اوجل ڪر. ڏس، تو نماڻيءَ وٽ ٻرين چوج
مان اَچي پهتو آهي."

وائي : "مهنجا زوراور سپرين، جي مون تان نظر تہ
هٽائين، تہ مون لاءِ جڻ ملاقات جي خوشي حاضر ٿئي.
اي ڏاڍي، مونکي سپرينءَ جي حضوريءَ جو شرف وٺي
ڏنو؛ تہ آءٌ هوند اَکين تان لت (ڪـڙ) هٽائي، سندس
پيو پڪڙيان؛ مون پريان (ڏوران) ڳٽوان (سڀي ٻريتم
صفت) جو درسن ڪيو (جڏهن چيسر جکري جي جڄ
۾ اَچي رهيو هو)؛ مون مسڪين سان گڏ جاڻيءَ ۾ ٻريتم
ڪاهہ ڳڻ ڳوٺ ڪانہ ڪئي (جڏهن ليلا گهونگهٽ
ڪوليو)، اي سرليون، شاهه لطيف ٿو فرمائي تہ ور
(پيار) نيت مهنجو عرض (مدت) آخر اَگهائيو —
مونکي جيڏري ملاقات جي خوشي نصيب ٿي."

واڻان ڪڏ (وائي وار)؛ فقط تون ئي تہ منھنجو مالڪ (ولھو) آھين، آءٌ فقط تو ۾ ئي تہ پنھنجو آسرو اُميد رکان ٿي (تو ۾ طمعدار). اي ٻاڻان، منھنجا عيب ڍڪي، منھنجي ڏنھہ ۾ پس رکہ."

III ١٠- ليلا ٿي چوي تہ "اي پرينم، مونکي ڌڪي نہ ڪڍ؛ مان ٻراٻر ڪجھ ڪين لھان (ڪميڻي آھيان). تنھنجي سڪ مونکي ھن ھيحال ڪيو آھي (زمين تي ليٽائي وڌو آھي، پيري وڌس پون)؛ فقط تون ئي تہ (تون ئي تون) مونلاءِ سڀڪجھ آھين (ور)، تولاءِ بلاشڪ وڃون گھڻيون."

III ١١- ليلا چنيسر کي چوڻ ٿي تہ "تولاءِ تہ راڻيون گھڻيون، (پر) منھنجي دل جو راجا تہ تون ئي آھين؛ تنھن ڪارڻ مونڏانھن ضرور رخ ڪج". الي وري شاھ صاحب ليلا کي سمجھائي ٿو تہ "اي موھيندڙ مند، تون انھيءَ آسري ٿي (چنيسر جي پيار ٿي) پاري نہ ويھج (چو تہ ڪيئس توکانسواءِ ٻيون بہ گھڻيون ئي سھاڳڻيون آھن)". وري ليلا، پتار کي آياري ٿي تہ "ھيج وڃان پير پري مونوت اَچي، مون غريب جو مان رکج."

III ١٢- ليلا، چنيسر کي ليلائيندي، چوي ٿي تہ "تولاءِ سھڻين سھاڳڻين جي ڪمي ڪانھي؛ (پر) اي پيارا، مون کي ڌُوڪتا ڪري، ماڻھن ۾ مونکي مھڻي-ھاب نہ ھڻائج؛ مان تنھنجي پتل ٻانھي آھيان. منھنجي ڳچيءَ ۾ جو پاند پيو آھي تنھنجون واڳون تنھنجي ئي ھٿن ۾ آھن."

III ١٣- ليلا چوي ٿي تہ "اي پرينم، تو جي جدائيءَ جا پردا مون اڳيان ڪڙا ڪيا آھن، سي منھنجي ٻرداشت

سُنباهي، مچ ساڙ ڪري، شرنائي ۽ ساز جي آواز سان
راڄ-محل وٽان اچي لانگهائو ٿيو. راءِ ڏياچ ۽ ڪوڏريءَ
کان نظارو ڏسي رهيو هو- نظر وڃي مچ تي پيس. پڇا
مان پتو پيس ته پاڳيو رتنو پنهنجي ڌيءُ، سدا سهڻي،
چنڊ منهن واري، سورٺ، گجرات جي راجا راءِ انيراءِ
سان پرڻائڻ وڃي رهيو هو. انهيءَ تي رتني کي راڄ-محل
۾ مٿي سڏايو ويو. سندس اچڻ تي راءِ ڏياچ ڪانئس
سوال ڪيو، "هيءَ جو تون پنهنجي ڌيءُ اسانجي
پاڙيسريءَ سان پرڻائڻ ٿو وڃين؛ سو توکي سونهي ٿو؟"
ادب جا هٿ ٻڌي رتني ورائيو، "راڄن، گستاخي
معاف. ڪو ڏيهه جو والي نياڻيءَ لاءِ وات وجهي ته
سياوڪ دل سرڪندي. انهيءَ ڪارڻ سڱ قبوليم."
تنهنتي راءِ ڏياچ وري پڇيو ته "جي اهڙي ڳالهه هُيئه
ته ڪا پنهنجي راءِ سا ۽ ڪا اها سليئه ۽ ڪانئس صلاح
ورتئه؟" انهيءَ تي رتني جو ڪنڌ هڪدم هيٺ جهڪي
ويو ۽ پشيمانيءَ جي نوع ۾ آکيائين: "سائين، اڃا ويل
ويئي ڪانهي، جا راڄن جي آگيا. ٻئي جي ڇا مجال
جو راجا جو حڪم ٻجاءِ نه آڻي." سورٺ جي سونهن
جي ساک ته راءِ ڏياچ ڪڏهوڪو ٻڌي هئي، وٽس جو
انيراءِ کي پوسرائڻ جو وجهه ۽ نهي آيس، سو رتني کي
هڪل ڪيائين، "مچ جهل؛ جي تنهنجي اها مراد
هجي ته مدن ڪنهن راڄ-ڌڻيءَ کي سپرد ڪريان ته آءٌ
ود ٿو رسم ادا ڪريان." اهڙيءَ طرح رتني جي

سر سورٺ

شاهه صاحب جي "سر سورٺ" وارا بيت راءِ ڏياچ جي قصي لئي ٻڌارل آهن. سورٺ، راڳڻيءَ جو نالو بہ آهي. هندستاني ڳائڻ-وديا موجب سورٺ راڳڻي، راڳ ڀئرو جي ڇهين پٽ جي اِستري ليکي ٿي وڃي. هيءَ راڳڻي رات جي ٻئي پهر ۾ ڳائبي آهي. "سورٺ" اکر سؤراشٽر مان نڪتل آهي. "سؤراشٽر" معنيٰ سڀاڳو ڏيهه، جنهنڪري سورٺ جو مطلب سڀاڳي مند.

راءِ ڏياچ جو قصو هيٺينءَ ريت ڪيو ويندو آهي:

ڪنهن سمي ڪاٺياواڙ ۾ سنڌ جي سما ڪڙم جي راجپوتن جو راڄ هو. اهو راڄ عيسوي نائين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ راءِ چوڙا، ونٿليءَ ۾ گادي وجهي، شروع ڪيو. سندس ونش مان ٿي عيسوي ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ راءِ ڏياچ يا ڏياس، ڏاڄ ۽ ڏيا وارو سردار، پيدا ٿيو. چوڏس چوڏار سندس ڌاڪو وڃل هو. گرنار جو گهوٽ، چوڙا-سمن جو نڪ، راءِ ڏياچ ٿي هو. انهيءَ سمي انيراءِ ايترو ٿي ناليرو راجا گجرات ڏيهه جو راڄ-ڌڻي هو. زور آزمائيءَ جو ٻج راجپوتن جي جڙ رت ۾ ڇٽيل هو، سو راءِ ڏياچ راجا انيراءِ کي ڪنهن ڪارڻ ڪڄايو. حقيقت هن ريت هئي تہ راجا انيراءِ، ڀاڳئي رتي جي ڌيءَ جو سڱ قبوليو هو. رتو، راءِ ڏياچ جي ڏيهه جو رهاڪو هو. هڪ ڏينهن رتو مڱ

لڳس. ٻيا مان پتو پيس ته اهو سارو مال کڻي اچي
الي سهڙيو هو. خبر پڌندي تاڪ لڳي ويس. بيجل ۾
سندس ساز جي هرهنڌ هاڪ برابر هئي، پر ڪو اهڙو
سائينءَ جو لال هوندو جو سر مٿان سِر صدقي ڪري،
سا پڪ بيجل کي پڻ ڪانه هئي. جنهن صورت ۾
سندس گهر واريءَ سندس غيرحاضريءَ ۾ سندس
ياران قول ڪيو هو، تنهن صورت ۾ بيجل هاڻ ناڪار
ڪري ڪين ٿي سگهيو. انهيءَ ڪري هو راجا انيراءِ
ڪان پاڻَ ٻُڌڻ لاءِ راج محل ڏي پير پري هليو ته آخر
ڪيس ڪرڻو ڇا هو.

هيءُ بيجل ڪير هو، جنهن اهڙو ساهس ٿي ساريو؟
بيجل ڪنهن چارڻ جي گهر پليو هو، پر اصل ۾ هو
ميراڻو ٻار هو. راءِ ڏياچ کي هڪ پرڻيل پيڻ هئي. پر
ان پيڻ کي پنهنجو پيٽ جائو نصيب نه ٿيو هو. ڪرم
اهڙو ڪاٿ هوس جو گهڻائي ڏر پيئيائين، پير فقير
پڇيائين، مگر ڪنهن به دل گهريو آسرو ڪين ڏنس.
آخر هڪ جوتشيءَ کي واٽ وڌائين. جوتشيءَ تارن جو
حساب جاچي، چيو: "توکي پٽ سنتان لکيل نه آهي،
ر..." ائين چئي جوتشي ٿامجي اٿي ويو. انهيءَ
ي پاڻ ماءُ جي آنڊو پلا وڌي. آخر گهڻي زور آڻڻ تي
جوتشيءَ سچ چئي ڏنو: "اهو ٻالڪ اوهانجي ڀاءُ جو
سر ڪٽيندو." راجپوتڻي ڀهران ته سراپجي وئي، پر
جهت ۾ پاڻ سان ارادو پڪو ڪري، هلي وئي.

تيءَ سورٺ جي شادي راءِ ڏياچ سان ٿي گذري.
اِها خبر جڏهن راجا اَنيراءِ کي ملي تہ مڙس ڪامي ويو.
هڪدم ڪاٺياواڙ تي چڙهائيءَ جا حڪم ڪڍيائين.
راءِ ڏياچ جي ڪوٽ کي اَنيراءِ گهيرو تہ اچي ڪيو، پر
قلعو ڪرڻ وارو ڪين هو، نڪي وري راءِ تي پيش پوڻ
وارو هو. ٻارهن مهنا نبري ويا، مگر ڪوٽ ڪڙ تيل
ڪين نڪتو. نيٺ ششدر ٿي اَنيراءِ موٽي آيو، پر
ڪنهن ٻِئي وير وٺڻ جي پچر ڪين ڇڏيائين. آخر هڪ
رٿ سُجهيس. رتن ٽڪن جو ٿالهہ پرائي، ساري
شهر ۾ پَڙهو گهمايائين "جو شخص راءِ ڏياچ جو سر
آڻي راجا اَنيراءِ اَڳيان رکندو، سو هيءُ ٿالهہ قبولي.
سر پيش ڪرڻ تي راجا اَنيراءِ ڪيس ٻيا بہ دل گهريا
اِنعام ڏيندو." پر ٿالهہ ڪوئي بہ نہ پيو قبولي. آخر
جڏهن پڙهو ڏيندڙ، چارڻ بيجل جي گهر وٽان اچي
لانگهائو ٿيو ۽ وڏي واڪي راجا اَنيراءِ جي آڇ ظاهر
ڪيائين، تہ بيجل جي گهر-واريءَ جي دل سَرڪي.
چي، "چارڻ جي چنگ تي سڀ مشتاق آهن، سو
راءِ ڏياچ ڪيڏانهن ويندو!" ڏر وٽ اچي، هُن، هڪل
ڪري، پَڙهي واري کي پاڻ وٽ سڏيو ۽ ٿالهہ قبوليو.
اُنهيءَ تي نہ فقط پاڙيوارن کي، پر پڙهي ڏيندڙ کي بہ
اَچرج لڳو تہ هيءَ عورت ڪهڙي نہ گهيلائي ڪري
رهي آهي!! نماشام جو بيجل ڌڻ چاري جـو جهنگ
مان موٽيو تہ گهر ۾ ناٽو ۽ موٽي ماٺڪ ڏسي عجب

لڳو ۽ اهو آيو ٿي جڏهن هوا جو جهوُنڪو ٿي لڳو. هيءُ سريلو سر ٻڌي، ٻيجل مست ٿي ويو ۽ انهيءَ ساز جي جستجو ۾ جنبي ويو. گهڻي جاکوڙ بعد پتو پيس ته اهو آواز ڪنهن ساز مان ڪين ٿي آيو، پر ڪنهن مرگهه جي جسم مان، جو وڻ ۾ لٽڪيو پيو هو. جڏهن هوا جو جهونڪو ٿي لڳو تڏهن ان مان اهو مڌر آلاپ ٿي نڪتو. اتي ٻيجل کي خيال آيو ته جي هن اڻ گهڙيل جسم مان ههڙو سريلو آواز ٿي نڪتو، ته اُن مان جي ڪو سرندو ڪٺي جوڙجي، ته هوند ماڻهو مرون انهي آلاپ تي مفتون ٿي پون. سو وڻ تي چڙهي، جسم لاهي هيٺ ڪٺي آيو. گهر اچي انهي عضون مان ساز جوڙيائين ۽ پوءِ ڏينهن اهو ساز پنهنجي دل وندرائڻ ڪاڻ جهنگ ۾ کڻي ويو. ڪنهن ويل جو گز ڪيڏي ساز وڄائي ته ساري جهنگ جا جانور نچندا ڪُڏندا اچي ٻيجل وٽ گڏ ٿيا. هن عجيب اسرار جي ڳالهه ٻيجل اچي پنهنجي گهر واريءَ سان ڪئي، جنهن اها اندر ۾ سانڍي. ٻيجل جي سرندي جي هاڪ هرطرف پکڙجي ويئي، تانجو سندس گهر واري ڏک ڏاکڙا دور ڪرڻ ۽ سکيو وقت گذارڻ ڪاڻ راجا انيراءِ جو رنن نڪن جو ڳالهه وٺي رکيو ۽ ٻيجل کي سؤراشٽر- پٺي، راءِ ڏياچ جي سر جو سوالي بڻجڻو پيو.

جوتس جو قؤل ڪيو، سو ٻيجل هليو پاڙڻ. چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، رکيو رخ گرنار ڏي. پيرين پند

وقت سر جوتشيءَ جي چوڻ موجب ٻار ڄائو، ٻـر ماءُ
ٻالڪ ٻنا ڏسڻ جي، دائيءَ کي خرچي ٻاسي، اُنکي
ڪنهن طرح لوڙهي ختم ڪري ڇڏڻ لاءِ چيو. دائي
لوڀ جي لالچ ۾ اچي هرڪي، مگر معصوم جو ملوڪ منهن
ڏسي هوءَ ٻاز آئي ۽ ٻالڪ کي نگهوسار ڪرڻ ٻدران
ڪيس سهڻا لائـق وستر پهرائي، صندوق ۾ سمهاري،
اُها ڪري نديءَ کي سپرد ڪيائين. صندوق لڙهندي
ڪنهن هنڌ ڪناري سان لـڳي اچي بيٺي. اُتي ڪو
ڳنوار، مال چاري رهيو هو. هنجي نظر اُن صندوق تي
پيئي. جان کٽي کولي ته ما ر! اندر سدا سهڻو ٻالڪ
صبر ۾ سمهيو پيو آهي!! هنجي خوشيءَ جي حد نه
رهي ۽ ٻنا ويرم هوُ صندوق ساڻ ڪري سڌو گهر
آيو، ۽ ٻنا هم تم جي اچي گهر واريءَ جي گود پرپائين.
هيءُ ٻه سڪا ٻل جوڙو هو، جنهن کي جو هـن غيبي
طرح سنتان نصيب ٿيو هو، سو هنن ٻيجل کي دل سندُون
پاليو ناپيو. ٻيجل اچ ننڍو سيان وڏو، نيٺ وڃي ڪم
لائق ٿيو ۽ ڌرم جي پيءُ موافق پاڻ ٻـ مال جا ڌڻ
چارڻ لـڳو. هڪ لـڳا هوُ جهنگ ۾ ڌڻن کنهن وڻ
کي ٽيڪ ڏيو ڌڻ جـي نظرداري ڪري رهيو هو ته
سندس ڪن تي ڪو مڌر آواز پيو. چوُطرف نظر
ڦيرايائين، مگر ڪيس ڪوبه شخص نظر ڪين آيو. آواز
وري آيـو ۽ وري آيو ... ۽ پوءِ اينڊونئي رهيو؛ ٻـر
اُچرج پري ڳالهه اها ته اهو آلاپ ڪنهن ساز جو ٻڻي

ڪيائين. هاڻي مس راءِ ڏياچ کي خيال ۾ آيو تہ ڪيڏي نہ ڏير ٿي چڪي هئي. تڏهن مڱڻهار کي دل گهري سوغات ڏيڻ خاطر پڇيائينس، ”مڱڻا، ڇا جي طمع تات آيئي؟“ وجهہ واهہ جو ٺهي آيو، مگر بيجل اهو ٻڌڻ نہ اري ڇڏيو. چيائين: ”راڄن، انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃ.“ راءِ ڏياچ زور ڀريو، مگر بيجل ”ويل وڃائي ڪانهي“ جي وائي ڇيڙي. راڄا اڃا بہ راڳ جي راحت ماڻڻ ٿي گهري، تنهنڪري پهر اڇڻ جو بيجل کي نوٽو ڏنائين. هيءَ نين نيڻهن جو نظارو ڏسي، سورٺ جي دل ڪجهہ کٽڪو کاڌو، پر جهٽ پاڻ سنڀالي، خيال مٽائي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن بيجل موٽي راڄ-ڪوٽ ۾ آيو. راؤ سندس راهہ تڪي رهيو هو. اڄ نہ سونداءِ ساز مان اهي سر آلاپيا، جو راؤ جو چت ٽس پس چرٻو ڪري ڇڏيائين. ڏياچ جي اندر ۾ اها آگ جاري ٿي جنهنجو اُجهاڻ سهنجو يا سترو ڪين هو. سورٺ بہ اهو لقاءُ ڏٺي ڏٺو تہ ڪيئن سندس راؤ، چارڻ جي چنگ ۽ رنگ تي مست ۽ مفتون ٿي چڪو هو. اڄ راءِ ڏياچ هرهر ٻئي بيجل کي ڀاڻائي چيو: ”گهر، جيڪي گهرڻو هجيئي. هاٿي، گهوڙا، پالڪيون، نقد ناڻو، سون روپو، زر جواهر سڀ تو مٿان قربان آهن. تنهنجي ساز اُي منهنجي اندر کي اُرجايو آهي. اُن موٽڪي نہ فقط سڀي راحت کان واقف ڪيو آهي، پر اُن ۾ ٽسر ڪري ڇڏيو اٿس. آءٌ

منزلون ڪندو، ٻيجل اچي راءِ ڏياچ جي نگر نزديڪ ٿيو. سندس سرندي جي ساز، ڪانئس اڳ گرنار ٻڌي ويٺي هئي. "ٿيو غلغلو گرنار ۾ ته ڪو عطائي آيو". ماڻهن ۾ چؤٻولو مچي ويو ته ههڙو ساز ٻُڌڻ نگر ۾ پهتو آهي، شال مالڪ مهر ڪري. ٻيجل مست ملنگن جيان سارو ڏينهن شهر جون گهٽيون ڪڇيندو رهيو. انهيءَ ڏينهن سندس ساز جو ٻولاءُ راجا جي ڪوٽ توڙي پڻ پهچي ويو. ٻئي ڏينهن ٻيجل پيا ڪري اچي راڄ-ڳڙهه پيرو ٿيو ۽ گز ڪڍي، چوچ مان سر ڇيڙڻ لائين. راءِ ڏياچ پڻ ان مهل فارغ هو، تنهن اهو سُر سُڻيو. ٻڌندي مُڙس مست ٿي ويو. ڪالهوڪي يادگيري آيس. آواز جو طرف سڃاڻي، ان پاسي دريءَ ڪان هيٺ ڏسي ته هڪ چارڻ چنگ چوري، ماڻهو مرگهه مينهون موهي، محفل مچايو ويٺو آهي. هڪدم ماڻهو موڪلي، مٿي گهرايائينس. "ٻيجل ڪي ٻيءَ رات جو سڏايو سلطان". اوياريون لهواريون لهندي، راءِ ڏياچ، ٻيجل ڪي، ساز وڄائڻ لاءِ چيو. ٻيجل انهيءَ ڪارڻ ٿي ته ڪهي آيو هو! ساز جو ڪو آواز هو!! ساز جي سوز راءُ رجهائي وڌو. ٻيجل تند تنوار ڏيندو رهيو ۽ راءُ جهومندو رهيو. وقت وهامندو رهيو، مگر انهي سمڪ نه راجا ڪي رهي، نه رنڪ کي. سورٺ، ٻين راڻين سميت، اوسيئڙو ڪيئندي رهي. نيٺ وڏيڪ سهي نه سگهي ۽ اچي پهچي پران-ٻنهيءَ ڪي ساز جي خمار مان سجاڳ

راءِ ڏياچ جي ٽڙق وڌندي رهي. راڻي ٻيزاريءَ جي
نوع ۾ ٻيجل کي وري ٻه للڪاريو، "واهه ڇو ٿو
وڃين؛ طلب پيش ڪر، پوءِ ڏس ته اُنجي پوراري
ٿئي ٿي ڪين نه!" ٻيجل هارڻ دل پختي ڪئي ۽
سندرو ٻڌو. چيائين، "راجن، دنيا جا پدارٿ مون
وٽ مٽيءَ آهن، هن وهل آءٌ تنهنجي سر جو ٿي سوالي
آهيان." راءِ ڏياچ کلي ڏنو. چيو، "ٻيجل، هي ڇا!
شيدائي ٿي هن سر جو آهين!! هيءَ هڏ ۽ چم ڪنهن
ڏينهن خاڪ ته ٿيڻو ئي آهي، سيان ٻڌران جي اَڄ قصو
ختم ٿي وڃي، ته ڪهڙو فرق پوندو!!! پر مونکي عجب
انهيءَ تان ٿو لڳي ته تون منهنجي سر مان وٺيندين
ڇا؟ اهو ڪي وٽ، جو ڪو عرصو ڪم نه اچيئي. اُن
جا اَنبار، ناڻي جون خزانون، موتين ماڻڪن جون
صندوقون، هاٿي گهوڙا ڇڏي، تو صدا هڪئين آهي سِر
جي. وري به ويچار ڪر. جيڪي گهرندين، سو اوس
ملندءِ." ٻئي ڏينهن ٻه راءِ ڏياچ ٻيجل جي سرندي تي
روح واهه جو رچهايو ۽ چارڻ وري ورندي اُسر جو
اُچڻ جو واعدو ڏنئي، وٽاڻ وريو. ٽئين ڏينهن چارڻ
ڳيهائين راجا جو روح رچهايو؛ راجا وري به مدت
ورتي "مڱڻهار، دل گهريو دان مڱ." ٻيجل ٻه پنهنجيءَ
ي هو، سو سِر سواءِ ٻيو ڪجهه طلبي ڇو ٿو! راءِ ڏياچ
ساز جي سُر تي وهو وڏيڪ مست ٿيندو. چوٿين ڏينهن
اَئي ڪان اچيو. چوي پيو، "چارڻ گهران ٻه هڪ سر

توکان سيڪڇه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هيءَ وڇه
آڻيئي، وٺي جهول ڀر." ٻهلول ذرا مرڪي پيو. آيو ته
ٻاهر سر جو سوالي ٿي هو، پر ڪنهن سخيءَ ڪان سر
گهرڻ سونهيو نه ٿي! ڪيل قول پوري ڪرڻ خاطر
اٿين ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو به ڪين هو، تنهڪري
هو لاچار هو. پر وري ڪنڪي ٿي ڪاڏس ته راءِ ڏياچ
جهڙي شاهاڻي شاهه کان سر گهران ڪيئن؟ جو ڏيڻ جو
ڏاتار، جنهنجي در تان سوالي سکڻو نه موٽي، تنهن جو
جي سر ڪنيم ته لعنت مون مٿي ٿي پوندي! سخي
سردار جي سخا جو اُلٽو فائدو وٺڻ واجب ڪيئن ٿي ٿي
سگهيو!! پر سوال ٿي اٿيو ته "جي گهرندس ڪين، ته
ملندو ڪٿان؛ جي ملندو ڪين، ته نيندس ڇا؛ جي
نيندس ڪي ڪين، ته آنيراءِ جو ٻچي ناس ڪرائي
ڇڏيندو! هاڻ ڪهڙي وهه وڃان؟" ٻهلول جو هيئن
ٿيءَ ۾ پئجي وڃڻ، سو راڳ پڻ پريشان ٿيڻ لڳو ته ٻهلول
کي هيئن ٻاڏايان ٿو ته به گهري چو ڪين ٿو. سوين سوالي
سرچائي ڪيڏا آئم، هن کي پڻ سيڪڇه آڇيو آئم، پر
سندس طمع کي ڪي ڪين ٿو آئڙي. آخر آنذ مانذ جي
وهل وڃي ۽ جڏهن راءِ ڏياچ وري سار جي سر لي مخمور
ٿي ٻهلول کي للڪار ڪئي ته "اي مڱڻا، وٺ جيڪي
وٺڻو اٿيئي، هيءَ وهل اٿيئي"؛ ته ٻهلول ورندي ڏني
ته "اي سخا جا صاحب، مونکي مال متاع جي ته ڪا
ڪوت ڪانهي، مونکي ٻيو ڪي کپ گهرجي."

اٿي ۽ اُن وٽ سِر، ساڙ ۽ ساڙيندڙ، خاڪ ۾ ملي هڪ ٿي ويا.

راءِ ڏياچ جي قصي تي ٻڌل "سُر سورٺ" جي ٻيتن دواران شاهه صاحب هڪ حقيقي راز پيش ٿو ڪري- سچو سالڪ جڏهن سائينءَ جي سڪ ۾ سڄهي تيار ٿا راس ٿي ٿو، تڏهن حق سان هڪ ٿيڻ خاطر هوُ هڪدم حاضر رهي ٿو، سِرُ جي سٽ لڳائڻ لاءِ هوُ جنسي لڙقي ٿو. راءِ ڏياچ جي روُپ ۾ شاهه صاحب جڳڪ پنهنجو نقش چٽي ٿو- الاهي سُرُ لاءِ سندس سِرُ ۾ هميشه حاضر آهي.

ٿو؛ وس پڄيم نه ٽوٽان هوند سوين سر قربان ڪريان، پر اُتم اهوئي هيڪڙو. اَڃا به وڄهه اَٽيئي، ٻيو ڪجهه به طلب، ته هڪدم اهو تو اَڳيان حاضر ڪريان." ٻيجل ٽڏهن به پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو. پنهنجين ڏيهن ٻيجل ساز مان اهو سر ڪڍيو جو راءِ ڏياچ چيس، "وت سُر، واهه ته وڄهه! وڌيڪ ترسيو ڇا لاءِ!!" ۽ جهٽ ۾ ڪناريءَ سان سِرُ ڪٽي، ٿريءَ تي ڪري رکيائين- سِرُ ڪٽيو ته به جسم جي لرزش ڪانه لٿي. راڄ-محل ۾ رڻ مچي ويو. گرنار جي گهوٽ جي هيڻن سر صدقي ڪرڻ جي خبر ٻيلي جي باهه جيان جهٽ پڪڙجي وئي. ٻيجل به سر ساڻ ڪري، سڌو اَنيراءِ ڏي آيو. چارڻ هوڏ ٻاڙي، هيج مان گجرات-پٽيءَ جي رنگ محل ۾ نه پيئو؛ مگر راجا جو رخ ڏسي، منهن جو رنگ بدلجي ويس. هيڙو درآچاري، جنهن راءِ ڏياچ جو سر ڪنيو هو، سو گجرات ديس ۾ ڪيئن ٿي رهي سگهيو! اَنيراءِ هينئر ئي مس ڪري محسوس ڪيو ته پنهنجي سوارٿ سڌ ڪرڻ لاءِ هيءَ ڪهڙو ڪڌو ڪم ڪرايم! ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي، هن ٻيجل کي ملڪ نيڪالي ڏني؛ ٽڏهن مس ٻيجل کي پٽو پيو ته ڪيڏو نه قهر ڪيو هئائين. انهيءَ ئي ويل ٻوليان پير ڪري ٻيجل گرنار موٽي آيو. چڪيا تيار هئي. جنهن باهه پيمت ڪڍي آسمان طرف اُسري رهي هئي، لٽن ڪنهن مستاني جي گجڪار

٧- سرديءَ = سيءَ ۾؛ سالم = ٺيڪ؛ گرميءَ = اونهاري ۾؛ گداز = پگهرجي پاڻي ٿي وڃڻ؛ امن = آرام، راحت؛ ڏيج = ڏجانءِ؛ امان = قدردان؛ سائل = سوالي؛ هٿي ساز = سين ٿو هٿي؛ راز = ڳُجھ جڻ جو وجهه؛ خالص = خاص؛ ڏيج = ڏج؛ خليل = گهرو دوست.

٨- دور ڪري = ڇڏي؛ پانڌپ = پانڌوءَ جي ھٿن جهڙا سورهيه سردار؛ پان = پان ڪائڻ جو؛ پڪ = ٺڪ؛ پينار = پينو فقير؛ پانڌپ...ٿي = هن پينو فقير تي نه ڪا مهر جي نظر ڪئي؛ اي سورهيه سردار، پيو نه ته پان ڪائي اُن جي پڪ جي ڪٽي مٿس نوازش ڪئي؛ ائين ڪيس سگهو نه موٽائيج.

٩- راجيا = راجا؛ ڪما = ڪان؛ نار حاميه = پسم ڪندڙ پاهه، انيراء جو غصو؛ والي = ڌڻي، ايشور، الله؛ ڏيارهه = ڏياري؛ ويءُ = سرسبز پاروپا ٿڪر؛ جنات عدن = سورڳ يا بهشت ۾ عدن جو باغ.

١٠- اوناٺيج = اگهائيج؛ عليل = غريب، هيڻو، بيحال؛ سباجها = باجهه پريا؛ اگڻ = در؛ مٿي = تي؛ آهجي = اوهانجي؛ کهي = ڪري؛ ڪين = ڪين جهڙو، غريب؛ قوال = مڱڻهار، ڳائيندڙ، سرندو وڄائيندڙ.

١١- ڪري دور = ڇڏي، ڌُڪتا ڪري؛ سائل = سوالي؛ سين هٿي = سوال ڪري؛ آن = مان، آءٌ؛ حضور = حاضريءَ ۾ آهيان؛ مور = ڪجهه به نه؛ امن = جيڪي گهري ٿو، انصاف؛ ڏهو = ڏيو.

سر سورٺ

داستان پهريون

١- آس ڪري=آسرو رکي؛ هتائين=هِتان، اَنبراء
جي ملڪ ڪان؛ چارڻ=مڱڻهار، ٻيجل؛ چنگ=ساز،
سُرندو؛ جهوڙا ۽ جهانئين=گهنگهٽا ۽ ٺوٺر؛ ڏٺلي=
هندورو، ٻالڪي؛ ڏورا=ٻرهان؛ وهنتي=وينتي؛
واحد=ڌڻي، ايشور، اَللهه؛ تهه وير=اوڏي مهل؛
ريجهائين=راضي ڪرين.

٢- پرديسا=پرديس کان، ٻرهان؛ جاچڪ=مڱڻهار، ٻيجل؛
صدائون هڻي=سوال ڪري، وات وجهي.

٣- مال=سامان، اسباب، رواجي شيون؛ جيءُ=سر،
حياتي؛ وهلو ٿيءُ=جلد ڪر، سگهو ٿيءُ؛ ساعت=
ٿورو وقت؛ صبر=ڌير.

٤- هوُن=اوُن، مان؛ اونچو=مٿي؛ ڀورو=ڀورڙو،
سادو، غريب؛ ڀُون=زمين، پٽ؛ ٽسندهه=راضي ٿيندين.

٥- اَڳاهينءَ=اڳهو هيئڙو؛ ويرم ٿيي=دير لڳي؛
هير=هيئڙو؛ سنهارا=سهڻا؛ هيين=دل، اَندر، هردي؛
سين لاءِ=هنداءِ؛ ملهاءِ=خوش ڪر؛ وچان=وچ مان،
وٽان؛ ويرين=دشمن، اَنبراءِ، وغيره.

٦- شان=نالو؛ مت سين=نموني، ريت، طور؛
نسورو=نهه؛ نادان=اَجاڻ؛ ڏان=دان؛ طمع کي ترڪ
ڪري=دل ڀوري ڪري.

ٽار؛ ٽاڙ = ٽمرٽا پاڻ؛ ٻرائي = وڄائي؛ رنولن ۾ = رنگ محل ۾؛ وڙنائي وائي = ورندي ڏني، داد ڏنو؛ پارت = سرندائي؛ ٻاجهائي = مهرباني يا قدر ڪري؛ هردوني هيڪ ٿيا = ٻئي نوڪلائيءَ ۾ گڏيا، ملاقي ٿيا.

۴- اونائي = ورندي ڏني؛ اَمل = سوال؛ راز ڪيائين = دل جي ڳالهه سليائين؛ راءِ سين = راجا سان؛ ڪهه = ڪنهن خاص؛ موچاريءَ = عمدي؛ مهل = وقت، ٽاڻي؛ اَنا اَحمد بلا ميم = مان ميم بنا اَحمد آهيان يعني اَحد (خدا) آهيان؛ سين هڻئي = ڇپر؛ سائل = مڱڻهار، ٻيجل؛ ڪه ڪه = ڪنهن ڪنهن، ڇڏي ماڻهوءَ ڪي؛ ڪل = خبر، پتو؛ هردوني هيڪ ٿيا = ٻئي ڏياچ ۽ ٻيجل هڪ ٿيا.

۵- ڪنين ڪنين = ڪن ڪن؛ ماڙهين = ماڻهن ڪي؛ ڪل = خبر، سڌ؛ ڪائي = ڪجهه ڪا؛ رسٽا = پهتا؛ رمز = سچي حقيقت؛ پارسي پاني = سچي پروڙ حاصل ڪئي؛ اَلانسان سري و اَنا سره = مان انسان جو ڳجهه آهيان ۽ انسان منهنجو ڳجهه، ڌڻي ٿو فرمائي؛ ورلي ايءَ وائي = انهيءَ ڳالهه جي پچار پيئي، اُن جوئي ذڪر هليو.

۶- سر = هيٺ؛ هڻيائين هٿن سين = هٿن سان وڄايائين؛ سٺي = ٻڌي؛ بالا = مٿي محل ۾؛ بين = سرندو؛ جت = انهيءَ خاص جاءِ تي؛ اُردا بيگيون = زنانخاني جي حويليءَ جون پهريدار زالون (پانهيون)؛ اَمين = عادل، ڏياچ؛ ٽازي = عربي گهوڙا؛ ڏهوس = ڏيوس؛ لڪڙا = هڪدم

١٢- ڏيئي ڀن = ڇڏي؛ کهان = ڳايان وڃايان؛ ڪماچ = سرندو، ساز؛ سڳ = ڀڳ؛ سڀاجهي ڪن = دل سان، ڪن ڏيئي، دل لائي؛ مڳر = گهر، سوال؛ معلم = معلوم، خبر.

١٣- ڪر = ويٺي آگهاء؛ ڀلا = ڀلارا، داتار، ڏياوان؛ ڀيري = وري وري؛ ڀالهو = خالي؛ ڀاند = جهولي؛ پينار = سوالي فقير.

وائي- هنهين = هتي ئي؛ ڪوڙين = مڙئي؛ ڀس = ڀوريون ٽيس؛ ڪاج = ڪارج، ڪم، مرادون؛ مڱي = گهري؛ ولو = ورلو؛ سڪاج = سڌ.

داستان ٻيون

١- عطائي = ڪامل، قابل؛ لڏ = لڏهن؛ ڪامل = هوشيار جاٺو؛ ڪيهرو = سرندو؛ لڏ ن لڀا ڀو = سر سان گونجي ڇڏيو؛ آلاپ سان ڪٿي ڏنو؛ داڀون = ڀانهيون؛ درمانديون = وياڪل، حيران؛ جاڀن = نوڪرياڻيون؛ ڀاڏيو = اُڇرج ظاهر ڪيو؛ چايو = ڳايو، چيو؛ ماري = سر جو سوالي.

٢- صاحب = ڌڻي، مالڪ؛ ڳڙهه = ڪوٽ، قلعو؛ ڀر = پاسي کان؛ اُنس = مٺس؛ ميه جن = ٻرساٽ جيان؛ ڇنائين = لاٿائين؛ ني لانق لڏائين = ڀهڄي لاڻي ڏيکاريائين؛ جنء = چوڌ؛ ميرائي = اُهي ڏاڏي کان. ڀيجل ڀهڄي لاڻي انهيء مان ظاهر ڪئي جو ماڻڪن ني هرڪو نـ هاري، ڀهڄي گهر ني محڪم رهيو، جڻن خانداني ڳاڻٽا ڪندا آهن.

٣- نرلي = نرٽ نهڙ ني، ناهي؛ لڏ = سرندي جي

١٢- مورهه=اَصل؛ نہ مون پنڌ پري=پريان پنڌ اَچڻ جو فڪر ناهي؛ ڳٽي=ڪٽي، سانڍي؛ ڳالهڙي=ڳالهہ؛ ڳجهي=راز پري، حقيقت ڀا وڃن واري؛ ڳوري=لاءِ؛ سمجهہ=تون سمجهہ؛ وري=موٽي، هٿين خالي واپس؛ پرٿا=پريان.

١٣- مڱ=رواجي انعام؛ تسي= گهوري ٿو؛ ملڪ مال=چالو وستو؛ ڏانڌون=دان ڪان، جيڪي راجا آڇي ٿو اُن ڪان؛ ڏور=پري، ٿؤ ڪتا ڪري؛ ڪا جا ڳنس ڳال= چوتہ ڪيس راجا سان خلاصي ڳالهہ ڪرڻي آهي، تو پڪلائيءَ ۾ ڪجهہ چوڻو آهي؛ آهي لن خيال=پيچل انهيءَ وچار ۾ آهي؛ ڏيني تيان=گڏجان؛ ڏاتار=راءِ ڏياچ.

١٤- مڱي=گهوري ٿو؛ رءِ=ڪانسواءِ؛ صلاح=راضي، پرسن؛ غريبنڏون=غريبن کي؛ گڏري=چڏي؛ ماري= ڊاهي؛ مير ملاح=بانڪا بهادر، هاڪارا(پيڙي)هڪليندڙ؛ ناپيو=نماپو، هيٺ ڪيو؛ نواڻ=خانداني ماڻهن جا؛ سورپو=چڪيو؛ خالق=ڌڻي، رب؛ سنجهہ=سانجهي؛ صباح = صبوح؛ ڪون = ڪين؛ چڏ نـدو= چڏ پندو؛ ڪٿهين=ڪٿي يا ڪڏهن بہ.

١٥- موٽي=وري پيهر؛ شال=اَصل؛ م=نہ؛ اَجل= موت؛ ڪپار=ڪند يا ڳچي؛ جهڙ=جدهن؛ تو=تو ڏڻيءَ؛ سپ جمار=هر هميشہ؛ چت=تاج، راج-مڪ؛ پٽن= زمين، خاڪ؛ سين=۾، تي.

وائي- تواز=تدوار، تند جو آواز؛ ملهي=پلي ڪري؛

جلدي؛ جواهر=هيرا، ماڻڪ، موتي؛ ٻاني=ٻ وجهي؛
ڏيان=ڪر ڏيان؛ ڏارا=ڪانسراءِ.

٧- موتي=ورتي وري؛ ڪاريا=وڄايا؛ طرح=قسمين
قسمين؛ ٽمبي=سرندي؛ ٽان=سر.

٨- سر جي=سر جي لاءِ؛ هٿائين=هٿان، گهران؛
چتائي=پڪو پهه ڪري؛ موڙا=ٽيلهيون؛ جهلي=وٺي،
سو پڪار ڪري؛ جن=جنهن لءِ؛ تو ڏاه نه سگهيو=تون
"نه" چوڻ نه سگهيو آهين.

٩- ٻاني=ٻيڻن وارو ٻلاند جهلي؛ پت ڪٿا=اُن جا
داڻا؛ مور=اَصل، ٻئه؛ مگهو=پڇيا آهن؛ ٽند هٿان=
سين هٿان، سوال ڪريان، سرندو وڄايان؛ مٿا=مٿيا
وارو، سورهيه جو سر؛ سيڪڙو=سوالي، سڪايل.

١٠- جي ميرائي مگٿا=جيڪي اَهي ڏاڏي کان چارڻ
سرندائي آهن؛ ڪهه=ڳاءِ، چؤ؛ مهجي ڪن=منهنجي
ڪنن جي پڌڻ ڪاڻ؛ ارث=ورثي ۾ مليل ذات؛ مدجهارا=
مدجهان، اُن اَهي ڏاڏي جي مليل ورثي مان. هن بيت
۾ ٻهرين مصرع بيجل تو چئي ۽ ٻي راجا راءِ ڏياچ.

١١- ڪا=ڪهڙي؛ ڳال=ڳالهه، راز، حقيقت؛
ڳري=ورتن ڪري پڌاءِ؛ بيجلئا=اي بيجل؛ پينه=
پينين يا آئين؛ ٽندن ٽان ڪري=سرندو وڄائيندي؛
ڪ=ڪهڙي ڪارڻ؛ پڌ ڪري=پري کان پڌ ڪري
آيو آهين؛ ڪ=ڇا؛ مگ جهليد=خيرات قبول ڪندين؛
منگٿا=اي مگتا.

ڪين جهڙو، رواجي، عام؛ ته=تنهنجو؛ طمعدار=سوالي.
ڪم=ڪم ۾؛ ڪپار=سر؛ ڏيڻ=ڏيان.

٧- ٻيلي=گر ٻيلي؛ ٻڌي=ٻڌڻ؛ پار=پُر، پاسي؛
نيڻ هڻي=چتائي؛ چوري ڪيم=خيال ڪيم، تخمينو
لڳايم؛ ڏسين=ڇهئي طرفن؛ ڏاتار=سخا جا صاحب؛
تار=ڪانسواءِ؛ ٻيجي=ٻئي؛ ٻولئو=ڏيڻ قبوليو، ٻاسيو،
ڏيڻ جو انجام ڪيو، وچن ڏنو.

٨- جيءُ=جسم، سر؛ ۾ هوءِ=نہ هجي، پل توتان
قربان ٿئي؛ جه=جنهن؛ سٺو=سودو، قول؛ مل=ملهه
واري، قيمتي؛ مور=اصل؛ سهڄي=هجي؛ تان جي=
جي اهو؛ گهريوءِ=گهرڻ ها؛ جڳا جڳ=هميشه لاءِ؛
ڏنگو=پارائو، ڏکو؛ ڏنوءِ=ڏين ها؛ ڏاتارن=ڏيندڙن،
سخاوت وارن.

٩- مٿانئين=تو مٿان؛ گهوريان=قربان ڪريان؛ مٿاءُ=
تو مٿان؛ ٿيي=ٿئي؛ هٿاءُ=هٿان؛ جه=جنهن.

١٠- هڏ=سر، ڪوپري؛ وهلو=جلدي؛ جاءِ=وڃ؛
جم=مٿان؛ واچا=وچن، وائي، قول؛ وهلو=سکڻو،
هٿين خالي، ناڪامياب؛ وهين=پوان، ثابت ٿين.

١١- مور=اصل، مهه؛ پاڙيان=لائق سمجهان؛ سڄڻ=
ملهه، قيمت؛ موت=واپس وڃ؛ ڪيڏه=ڪجهه ٻه نه
آهي؛ لهيندو=لڀ ٿيي اچيم.

١٢- پائي=ڪٽي، ڪپي، لاهي؛ اوڏاهم=اوڏانهن،
آن پاسي؛ جيڏاهه=جيڏانهن؛ ٻرائي=ڳائي وڄائي؛
سکڻون=خالي، اي ملهه؛ هڏ=سر، ڪاپار.

ڳجهي = ڳجهندي، ڏونڪي سان؛ صدا = سڏن، گهر، سوال؛ ڏاج = مال اسباب، پيو دان؛ ڍهرا = جهجها.

داستان ٽيون

١- ڪيئن = ڪهڙيءَ ريت، موج مان؛ پولڙو = ڳائيو، وڄايو؛ پڙيءَ = اَسر جو؛ پان = مڱڻهار، بيجل؛ سيباڻو = راضي ٿيو، ڪيس پسند پيو؛ آڄ = اَڄ؛ مٿانهون = مٿي، محل ۾؛ مٿاهل ميدان = مدهن سامهون ٿيءُ.

٢- چوڏول = پالڪي؛ گهوٽ = راڄ ڌڻي، سورٺ ور؛ ٻول = قول ٿو ڪريان؛ وهاڻي = سر؛ ويڻ = ويڙي ڏيڻ.

٣- سرندو = وڄائڻ جو ساز، سرندو؛ صدا = گهر، سوال؛ سر = سهڻي آواز؛ گهور، هڻي = سڪ ۽ سوز سان سرندي جي تند تنواري؛ گهرندو = سوال ڪندو؛ رءِ = کانسواءِ؛ ڇرندو = واپس ويندو؛ جهرندو = ڪي صدمو رسندو؛ پندي = پوندي؛ جهانءِ = وائڙو پلاءِ؛ جهروڪ = محل.

٤- سري = عجب اثر وارو؛ تنبير = ساز وڄائيندڙ؛ بيجل؛ هوءِ ئي = هائيندوس مٿو؛ پري = وڃي وڃي، پڄي وڃي.

٥- ڏاتار = سخي، ڏياج؛ مڱڻهار = سوالي، سالڪ؛ وسيلو = تفاوت، واهرو؛ وچ = وچم؛ تال = آلاپ، راڳ، ڳالهه؛ هٿي = راڄ محل ۾؛ همت = هيبت، بيجل وٽ؛ هيڪڙي = هڪڙي، اهائي، ساڳي.

٦- جهار = نمسڪار؛ چي = چري؛ مري = ڪارو مرچ،

ٽڙهن؛ دل وڏيءَ=وڏيءَ دل واري، سخا جي صاحب، ڏياچ؛ مرڪيو=خوش ٿئي؛ روڙيو=نيڪبخت.

واڻي- ڪنڪار=خوش خير يافت، مرحبا؛ ڏاڙ=دان ڪري، گهوري، تو مٿان گهور ڪري؛ ڏيهدوسن= مان ڏيهدس؛ ٿيهون=ٿيون، وانجهو ٿيون؛ هون=هجن؛ ڪينڪ=ڪجهه ڪينهي؛ لنءَ لغار=اندر ڪي چوٽ، دل سان.

داستان چوٿون

١- ريءَ=ڪانسواءِ؛ مصلحت=صلاح، اڳيئي مٿان فيصل ڪيل ست؛ مڱڻا=فقير ٿن، درويش جن دنيا ترڪ ڪئي آهي؛ قصر=راڄ جي محلات ۾، نور تجلو= ايشوري روشني؛ نور سين=مالڪ جي مهر يا نوازش سان؛ ٿميو=اندر جهاني پاڻي؛ نيڻ=اکيون، راءِ ڏياچ جون؛ خيمو=تنبو يا محل يا انساني جسم، جنهن ۾ روح رهي ٿو؛ ڪنگهار=راءِ ڏياچ؛ چانڊوٽا=تجليدار شعاع؛ لذاتين=راءِ ڏياچ لذا يا حاصل ڪيا؛ ڏاڙ=لطف يا مزا؛ ڏسين=چئني طرفن جي مالڪ، ڏٽي تعاليٰ وٽان؛ ٿيلاهه=تهڪري ٿي؛ ملڪ ڏٽين=راڄ ڏٽين يا راجائن؛ مچيو=سر نماءُ؛ مڱڻهار=پيدو درويش، جن مان دنيا ۽ آخرت جو فيض حاصل ٿئي ٿو.

٢- مر=پلي؛ مام=رمز، ڳجهارت؛ پروڙي=سلي، محسوس ڪري؛ مون=موڙت؛ ڳاهه=پرولي؛ ڳالهائيين=

١٤- اُئي = ٿي؛ ڪوڙ ٻن = گهڻا؛ وارئو وارئو = وار وار ڪري، ور ور ڪري؛ وار = ڌڪ هڻان، ڪپيان؛ ٻڻ = اڄان ٻه؛ تند تؤار = سرندي جو سر؛ موهان = موٽڪان، منهنجي سر ڪان؛ مٿاهون = سرس، زياده.

١٥- ڏيڻ = دان ڪرڻ، ڏيئي ڇڏڻ؛ سر = قرباني ڪرڻ؛ سند ٿيي = سند ٿي ڪم اچي، مثال ٿئجي، اختيارنامو ٿي ليکجي.

١٦- ڏهلو = ڏکيو؛ ڏيڻ = سچو دان، سچي قرباني؛ ڏکه = ڏکيو؛ تعلق = واسطو؛ جو تعلق رکي تند سين = راڳ جو (چڪتو ڪندڙ) لاڳو.

١٧- ٻل ٻاءِ = ٻلا ٽند ٻا ٻلو ۾ وجهه؛ اڳاهون = اڳڀرو، گهڻو سويل، ڳيچ مفاصلي تان.

١٨- ٻات = راڳائي؛ ٻر = خوش، راضي؛ جادم جو د = يادو ڪل جو راجپوت، راءِ ڏياچ؛ مڱ = دان؛ وهاڻيءَ = صبوح جو؛ هير = هيئنر؛ موجود = حاضر؛ ٻلڪ = ٻر؛ ٻوُد = سچي حياتي؛ ناڪسي = آپو، ٻاڻ، يا شخصيت وڃائڻ، ناٻوُد ۾ = نيستيءَ ۾ فنا ڪرڻ ۾.

١٩- ڪلي = ڪلهي؛ رهي رهيو = ٻڌ ٻيو، هليو هليو؛ صدا = سين، دانهن؛ وائي ڪيائين واڻ = واڻ ۾ اهائي وائي هيس، سچو وقت اها ٽاڻ هيس؛ ڏيه = ملڪ؛ ٽه = ٽهن؛ ڏاڻ = دان ۾.

٢٠- ٻريءَ = شهر، جهونا ڳڙهه؛ وائا = واڻ ۾؛ ٽه—

دل سان هنديان؛ ڪلنڌون=ڪلهن ڪان مٿيون سِرُ؛
ڪوريان=ڪپي ڏيان ٿو؛ ڪ=يا؛ جاجڪ=مڱڻهار،
سوالي؛ جسي=ڌڙ، سين=سوڌو؛ ڏين ٿو=ڏيان ٿو.

٧- ٻنگه لهي=ٻوري ميزان ۾ آٽي؛ وڏاڻ=وڄائڻ
جو ساز، سرندو؛ سر جو هڏ آسان=سر جي سخاوت؛
مٿي وهي=هن وڏيڪ ڪجهه آسرو ٿي رکيو.

٨- ڱجهه=ايشوري هستي؛ ٻجهي=ٻڌهجي؛ ڱجهه=
شخصي هستي؛ سين=۾؛ رند=مست فقير؛ رساٽي
لاءِ=سمائي ڇڏ، ٻڇائي ڇڏ؛ اَجل=موت، نابودي؛ آيو
آهه=ٻينو آهي؛ ٻٿيءَ=ٻنيان؛ تو=ٿڌهجي؛ ٻلائڻو=ٿيا رٿيو.

٩- ويه=ويڙي ڪڙ؛ سرهو=خوش؛ ۾ ڪين آهه،
مَ ڱاءِ=نه وري اَچڻو پوئي، نه ڱانڻو پوئي.

١٠- پرچنا=راضي ٿيا، شريڪ راءِ ٿيا؛ ڪنارو=
خنجر؛ ته=تنهن؛ جهوني=جهڙو؛ ناه ڪين=ٿي نٿو
سگهي (اَحسان)؛ ڪنو پند=پند جو ڪشت ڪري آئين؛
شڪر الحمد=شڪرانا ايشور جا؛ اي=هيءُ؛ شڪر=
ٿوراِ جن=جو؛ گهر پوءِ=تو فقط گهريو.

١١- ڪنجهي=آواز ڪري، وڄي؛ ڪيرت=آواز يا سر
۾؛ ڪينرو=سرندو؛ واڄو=وڄندڙ ساز؛ ولاتي=ولائت
جو، ڏورانهين ڏيهه جو، عجيب؛ هنٿي تند=وڄايو، دهرايو.
حضور ۾=حاضريءَ ۾ راءِ ڏياچ جي؛ ته=تنهن؛ پارس=
پارس پٿر مثل، ڪامل قابل، ٻيجل؛ پيرائتي=پيرائتي رِيت،
نيڪ سرشتي نموني، الاهي راز ظاهر ڪيو؛ ڏسندهه=جو

ٽون ڇٽين ٿو؛ سمجهي سون=سا سڀ مان سمجهان ٿو؛ ٽه=ٽنهنڪري؛ لسج=راضي ٿج؛ ٻوٽي=ٻوٽي؛ پت=ٻلؤ يا ڪشتو، جيڪين=جيڪي ٻ.

٣- عجب=اسرار؛ آهم=مونکي آهي؛ هٽي= هلائين، وڃائين ٿو؛ اُپو=پيدو؛ هٽن سين=هٽن سان؛ جيرو=سالم، قائم؛ جيءُ=جسم؛ ري=روح، اندر؛ ڪانيو=گهايو يا گهائل ڪيو.

۴- تان=آواز، آلاپ؛ تند=سرندي جي تار؛ رون رون ڪري=آواز ڪري ٿو؛ راز=روحاني ڳجهه؛ هٽند؛ سندا هٽڙا=ڇاڪاڻ ته هٽن سان ٿو سرندو وڄي؛ سيڪو ڇٽي ساز=سيڪو سمجهي ٿو ته آواز سرندي مان ٿو اچي؛ نه ڇاڻ جي هٽن جي حرفت سان؛ ست ڏيئي=جهت ڪري؛ شهباز=سخا جو صاحب؛ ٿو ڪ=نعمت؛ پرائيين=حاصل ڪرين.

۵- ٽماري=ٽنهنجي؛ ڪهيو=ڇيو؛ ست ٻ=وڃن ٻ؛ ٻان=ٻوٽو، جسم؛ ڪانٽا پوءِ=ڪٽجڻ ڪانپوءِ، وڍجڻ بعد؛ نهين=ناهي، اُنجو ڪو ٻ علهه ڪو نهي.

٦- ٻولج=گهرج، گهرجان ءِ؛ ٻٽو=ٻيو ڪجهه، وڌيڪ؛ گهري ءِ=گهريئه، جنهنجو سوال ڪيئه؛ گهور ٻان=ٽوٽان قربان ڪريان، توکي ڏيان؛ گهور سورت=سورت جو گهور يا گهوٽ، راء ڏياچ جو سر؛ نه ٻڙي=نه ٻورو ٻوي، لائق نه ليکجي؛ ڳجهي آهم ڳالڙي=اها ڳجهي ڳالهه، اهو روحاني راز؛ اوري تان اور يان=وري وري پيو سو چيان،

ڪوڙيا، ٻئي جهان ۾؛ ڪنگهار = راءِ ڏياچ؛ تنهن راڳ... تلوار = هڻڻ ڏياچ جو روح ايشوري آواز جي لئہ ۾ هميشہ رهندو رهيو؛ سو = اهو ايشوري آواز؛ ڏٺين پٽين = ڏٺن ۽ پٽن، واريءَ جي پٽن ۽ سرسبز ميدانن؛ ٻاڙ = ٻڙانڊو، آواز ٻڌڻ اچي ٿو؛ ٻسو = ڏسو؛ راجا = راءِ ڏياچ؛ راضي ٿيو = هميشہ لاءِ خوش ٿيو وڃو آهي، انهدي آواز جي گونجيل وايو منڊل ۾.

١٦- ڪيما ڪنيا = لمبو اڪوڙيو، جسماني نفس ترڪ ڪيو؛ تنهن راڳ... تند تلوار = نہ ٿيو سالڪ جي مالڪ لاءِ گولا ۽ تڙق ڪانہ رهي ۽ وايو منڊل ۾ شانتي ڇانئجي وئي؛ تهان ٿيو... ڪي = جنهن بعد ٻيجل ٻانڌ پڻ ڏياچ سان چڪيا تي چڙهيو.

وائي- الوداع = موڪلاڻي، سلام، ڏاٽيءَ جو نالو؛ جاني = دلبر؛ ڪٺوءِ = ڪيئن، ٿيئہ؛ ساري = ياد ڪندي ٿي روئي، ياد ڪري؛ طريق = طريقت، مٿين منزل؛ واجٽ = سر، آواز هن دنيا جا؛ واري = ڇڏي، ٽوڪنا ڪري؛ سرنن = سرٽين، ساهيڙين؛ اپي = ٻيهي، ڪڙي ٿي؛ اوساري = ياد پئي؛ متارا = جانثا، جنگ جوان، سورهيہ سردار؛ دوس = دوست؛ دوستنا = دنيوي دوستن کان، راءِ ڏياچ کي سورٺ کان؛ دور = پري؛ ڏيا = تجلو؛ ڪانيو = قربان ڪرايو؛ نيہ سندي نعري = ڏاٽيءَ سان هڪ ٿي وڃڻ جي سڪ پرني سڌ.

ڏسي؛ ظاهر=پڌرو ظاهر ٿي بيٺو؛ ذاتي=سچو حق يا
حقيقت؛ ڪرت=ڪناري؛ ڪپار=ڪاپار يا ڪنڌ.

١٢- گل=ٽڪ، سهڻو سردار؛ ڇنو=ڊٺو، ويو؛
پٽڻ=پاٽڻ، پرڀاس پاٽڻ جو شهر يا نگر، جو سوراشٽر
جي راجڌاني هو؛ پٽين=غم ظاهر ڪري؛ سهسين=
اڪيچار؛ سورٺ جهڙيون=خانداني عورتون؛ اڀيو=بيٺي؛
اوساريون=پار ٿيون ڪيون، پٽين پيئون؛ ڇوٽا=ڊگهن
وارن جون چڳون، وار ڏياچ جون؛ سر سيڱارهو=ڏياچ
جي ويهل سر کي سيڱاري؛ ناريون=زالون؛ ناڙ=روڄ
راڙو، دانهون ڪيڪون؛ رڳيو=هليو ويو، گذاري ويو.

١٣- پاسڱ=ساهميءَ جي ڪاٺ لاهڻ لاءِ خسيس
ڪوڏي، ڏياچ جو سر؛ جهه=جهڙهن؛ پيش ڪيو=ڏنو،
قرباني ڪيائي؛ ڪه=ڪهن؛ ڏنو ڪين=ڪجهه ڪين ڏنو؛
نيٺي=ڪٽي؛ ماچ=سرنداني، پيچل؛ ڏور=ٿور وٺي پرپان؛
ڏڪ ٿيو=ڏکي ٿيو، ڏڪ محسوس ڪيائين ته آخر ڀڙ پيم
ڇا! خسيس سر!!

١٤- ڪين=خاص ڪجهه به نه؛ سائل=سوالي، پيچل؛
سڪاني=ارمان ڪاٺي؛ مه=تڙ؛ هميس=واپس ڪيس؛
مڱٽي=پيچل. ڪن قصن ۾ جاٽايل آهي ته پيچل نراس
ٿي ڏياچ جو سر موٽائي آٽي سندس تڙ تي تڙيو.

١٥- مٽي=وڃي ڏاگهه چڙهي، ستي ٿي؛ سڪ ٿيو=
چڱو ٿيو، ڇوته سورٺ مان مراد آهي نفس جي، سورٺ
ٽان ٿي ته سارو معاملو مٽو هو؛ خيما هميا=تمبوءَ جا قيلا

جن مان خاص طور جُوڻو، تماچي ۽ ننڍو مشهور آهن. جڏهن فيروز تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو، تڏهن سوڀ پائي، سنڌ جي سمي حاڪم جُوڻي ۽ سنڌس ڀائٽيي ٻانهني کي ساڻ دهليءَ نيئي ويو، جنهن ڪارڻ جُوڻي جو ٻيو ڀائٽيو تماچي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو. تماچي جرأت ۽ حشمت وارو حاڪم ثابت ٿيو. هن جلد پنهنجو جهد و جهد ڪري، پاڻ کي تغلقن جي تابعداريءَ کان آزاد ڪيو.

جام تماچي - سما حاڪم جام جي نالي سان سڏيا ويندا هئا - شوقين سردار پڻ هو. کيس شغل شڪار جو خاص شوق هو. هڪ لڳا هو ڪينجهر ڍنڍ جي سير تي نڪتو. ڪينجهر ڍنڍ جهرڪن ۽ ٺٽي جي وچ ۾ هالا يا نڪريءَ جي پيرانديءَ وٽ آهي. آسپاس ۾ گهاٽا ٻيلا اٿس، جتي سهڻو شڪار ڪري سگهجي ٿو. خود ڪينجهر ڍنڍ جو نظارو پڻ دلڪش آهي. شاه صاحب ٿو فرمائي:

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي تي وڏاه،
اَچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اُتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

تماچيءَ جي ٻيڙي جيئن سير وٺيو پئي ويئي ته جام جي نظر ڪن مهاڻن تي وڃي پيئي. مهاڻا ٻيڙين ۾ مڇيون ڦاسائي رهيا هئا. سمدن کي ٻار لڏڙن جيان پاڻيءَ ۾ پئي ترڪيا ۽ ڪي وري ڪناري تي ويهي لٽاءُ ٺُسي رهيا هئا. جام تماچيءَ جو ڌيان اُنهن

سُر ڪاموڏ

"سُر ڪاموڏ" جا بيت سنڌ جي مشهور نوري ۽ جام تماچيءَ جي قصي تي ٻڌل آهن. ڪاموڏ لفظ اَصل سنسڪرت لفظ "ڪامود" مان نڪتل ٿو ڏسجي، جنهن جو مطلب آهي "ڪامڻي يا جادوگرڻ". ڪاموڏ هڪ راڳڻيءَ جو نالو پڻ آهي، جا هندستاني گائن وديا موجب ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ ڪري ليکي وڃي ٿي. راڳ مالا ۾ سندس نهايت تاثير ڀري تصوير ڏني ويئي آهي — وڏراه ۽ پونر جيان پري، ڪونل جيان مٺي لات لنوي رهي آهي. اَندر ۾ عشق جي آگ اَٿس ۽ ڦر لاءِ وات ڏسي رهي آهي. ڪاموڏ راڳڻي عام رِيت ٻن پهرن جو ڳائبي آهي، پر وقتي شام ٽاڻي چوڻ سان پڻ عمدو رنگ رچائيندي آهي.

ڪنهن سمي سنڌ جي سما راجپوتن جو راڄ هو. سما لوڪ، يادوَ ڪل جا راجپوت هئا. ڪين ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري سومرن شڪست ڏنئي، لوڌي ڪڍيو. هنن ڪڇ ملڪ وڃي وسايو، جتي آزاد حڪومت برپا ڪيائون. سومرن کي جڏهن عيسوي ۱۴ صديءَ ۾ علاؤالدين خلجيءَ ماري مات ڪيو، تڏهن سمن وري سنڌ ۾ راڄ ڪڙو ڪيو ۽ ٺٽي ۾ گادي وجهي، حڪومت هلايائون. اِها حڪومت آخر ۱۵۲۰ع ڌاري شاهه بيگ اَرغون قنڌاريءَ اَچي کانئن کسي. سمن ۾ ڳچ حاڪم نالي وارا ٿيا،

پر تماچي ته مٿس فدا هو. نوري هڪ سڀاجهي نينگر هئي، جنهن ۾ ٻاهرين ول ڇل هوئي ڪين. سندس حلم ۽ حياءَ تي جام کي مٿس موهت ڪيو هو. جيڪڏهن سائينءَ سڳوري ڪيس سونهن ڏني هئي ته ان ڪارڻ هوءَ ڦونڊي اصل ڪين. هڙو سمو جام هٿ ڪيو هئائين ته به وڏن ڪين وڙهيس. مفلسيءَ مان ماڻڪن ۾ اچي پيئي ته به غرور ڪين ورايس. هر ويل ڌڻيءَ در ٻاڏائي ويٺي ۽ منٿ ڪيس ته ”اي سائين، جي نوازيو اٿيئي ته نينهن ۽ نهٺائي نڀاهه ڪجِ.“ تماچيءَ به ڇڳي ڇڪاس ورتي، مگر نوري هميشه پنهنجي سڀاءَ تي قائم رهي. تماچيءَ کي سندس سنگ ۾ اهو لطف پوندو هو، جو ڪيس ٻئي ڪنهن به هنڌ نصيب نٿي ٿيو. انهيءَ ڪارڻ هو نوريءَ سان نه فقط شيل شڪار تي گهڻو ٽڪو وڃڻ لڳو، پر هالالا ٽڪريءَ تي هن هڪ خاص ماڙي پڻ اڏائي، جنهن ۾ هو اچي آسائش وٺندو هو ۽ نوريءَ جي صحبت جو لطف ماڻيندو هو.

جام تماچيءَ جو هيئن ٻين راڻين کي ڇڏي نوريءَ سان گڏ گذارڻ، سمين ڪاڻ سخت عذاب هو. هو اندر ۾ ڪامڻ پچڻ لڳيون، پر وٽن ڪو حيلو ڪونه هو. جام پڻ سندن ساڙ صحيح ڪري ويو. تنهنڪري هڪ ڏينهن حويليءَ ۾ نيائو ڪيائين ته اڄ شام جو جام ايندو، سڀ راڻيون تيار رهن؛ جنهن سان دل پوندس، تنهن کي سانجهيءَ جي سير تي ساڻ وٺي ويندو. هيءَ خبر

ڪنديءَ تي ٻيلن مان هڪ ڏي ڇڪجي ويو. هوءَ
هٽي نه مٽڪي سگهي، مگر سندس مهانڊو مڙني کان
علحدو هو. پوشاڪ سادي سوٽي پيل هئس، پر چهرو
چنڊ جيان ٿي ٻهڪيس. سندس شرميلين نگاهن
مڙس گهائي وڌو. شاهه شڪار ٿي ويو. ٻاهران نه
ڄام تماچيءَ شان رکيو اڳتي وڌي هليو ۽ شغل شڪار بعد
پنهنجي ماڳ موٽي آيو، پر پوهه جي پاهه ڪيس وهڻ
ڪٿي ٿي ڏني! مڙس ماندو ٿيڻ لڳو، پر مسئلو پڻ
پيچيدو هو. ڪيڏانهن سمو ڄام ۽ ڪيڏانهن ڪڪيءَ پري
گندري!! وهل پٽي ته ڪو فرق نه پيو، موريو تماچي
ڄام جي ترق وڌندي رهي. نيٺ اهو ٻاهريون ٻيو
پاسيرو رکي، ڄام، نوريءَ جو سڱ سندس مائٽن کان
گهريو. مهاڻن جي ته ڪا ڏٺيءَ ٻڌي ٿي ڏني.
والي وڄهي وات، ته نازڪ ڪير ڪري!!! مهاڻن جي
بستيءَ ۾ واڌايون وريون وليون. نوريءَ جي مائٽن
هاڪارو موڪلي مس، ته شادمانا شروع ٿي ويا. سمي
ڄام، نوريءَ صدقي مهاڻن کي جنسي ڍ ڏي ڇڏيو.
ڍلون محصول مڙئي معاف ٿي ويون، ۽ ساري ڍنڍ جا
هوءَ جڻ خاوند ڪيا ويا. غريبن جي سائين ڪڏهن
ڪڏهن ٿو سڻي؛ ڪنجهر جي مهاڻن جي ته مس ٻڌي
هئائين؛ سو هاڻ ته سندن ڏهه ٿي گيهه ۾. وڏي شغل
سان ڄام تماچي، نوري پرڻجي گهر آيو.

. ڄام جي ٻين راڻين مهاڻيءَ جي آئي تڪ پٽي مڙيا،

ساڌارڻ سينڌ سڌو ڪري، سفيد ڦڳو اوڍي، پنهنجي
جاءِ تي ويٺي. سڀ آيا، هر ڪنهن پنهنجو حيلو هلايو،
پر ڪنهن به روپ ڪيس ڪين ڪيڏيو. نوري هن کي
پرپان ٿي نظر آئي. سندس اکين ۾ حياءُ اکان ٿي پيئي
چلڪون ڏنيون. وري به نياز جي سوڀ ٿي ۽ تماچي
اڄ پاڻ نوريءَ کي ساڻ نيئي ويو. اڄوڪي لقاءَ جام کي
مجبور ڪيو ته هو نوريءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ڪري.
راڻ جي محفل ۾، سڀني سڀين جي سامهون، هن نوريءَ
کي پنهنجي پٽ راڻي ظاهر ڪيو ۽ مڙني محسوس
ڪيو ته حقي حق ڪيو ويو هو.

"سر ڪامود" جي بيتن ۾ شاهه صاحب نوري ۽ جام
تماچيءَ جي قصي جي اوٽ وٺي، هڪ اهم خيال پيش
ڪيو آهي ته جي سالڪ، خالق جي تلاش ۾ آهي، ته
مالڪ پڻ سالڪ جو ڳولائو آهي. سچي سالڪ ٿي مالڪ
جي پنهنجو پاڻ مهر ٿئي ٿي. سچي سالڪ ۾ جي وصفون
هئڻ ضروري آهن، سي آهن تڙڙ ۽ نياز. نهٺائي ۽
نيازي سالڪ کي مالڪ وٽ پيارو ڪن ٿيون. نوري
سچي سالڪ جيان هئي ته سمي جام مڱڪي پسٽيءَ ۾
ته اچي ڪيس ڳولي لڌو ۽ ڪيس نوازيو.

ٻڌي سڀ گدگد ٿيون. هرڪنهن سمجهيو ته اڄ ضرور سندس ٿي وارو ورندو. تيل ڦليل ۽ هار سينگار شروع ٿي ويا. ويس وڳا ڪري سڀ تيار ٿي ويٺيون. نوري نيم موافق ساڌارڻ سينڌ سرمو ڪري، سفيد وڳو اوڍي، پنهنجي جاءِ تي ٿي ويٺي. سمو آيو، هرڪنهن پنهنجو حيلو هلايو، پر ڪنهن جي به رُوپ ڪيس ڪين ڪڇيو. نوري هن کي پريان ٿي پنهنجي جاءِ تي ويٺل نظر آئي. سندس لڄ ۽ حياءَ اُتان ٿي پٽي چلڪون ڏنيون. وري به نياز جي سوڀ ٿي ۽ تماچي اڄ به نوريءَ کي ساڻ نيئي ويو. اڄوڪي لقاءَ جام کي مجبور ڪيو ته هُو نوريءَ کي پنهنجي پٽ-راڻي ڪري. رات جي محفل ۾، سيني سمين جي سامهون، هن نوريءَ کي پنهنجي پٽ-راڻي ظاهر ڪيو ۽ مڙني محسوس ڪيو ته حقي حق ڪيو ويو هو.

”سر ڪاموڏ“ جي پهرين ۾ شاه صاحب نوري ۽ جام تماچيءَ جي قصي جي اوٽ وٺي، هڪ اهم خيال پيش ڪيو آهي ته جي سالڪ، خالق جي تلاش ۾ آهي، ته مالڪ پڻ سالڪ جو ڳولائو آهي. سچي سالڪ تي پنهنجو پاڻ مالڪ جي مهر لٿي ٿي. سچي سالڪ ۾ جي وصفون هئڻ ضروري آهن، سي آهن نئڙت ۽ نياز. نهٺائي ۽ نيزاري سالڪ کي مالڪ وٽ پيارو ڪن ٿيون. نوري سچي سالڪ جيان هئي ته سمي جام کيس مڱڪي ٻستيءَ ۾ به اچي ڳولي لڌو ۽ کيس نوازيو.

اَليءَ، پارس ھڄيءَ ۾ لڏ=غرباڻي پري، ٽوري ۽
سانگين=مهاڻن جي، جن کي گهر گهاٽ ڪونهي.

٩- جارا=مڇين ڦاسائڻ جون جاريون ۾ ڪارا=ٽوڪرا ۽
مڪڙيون=ننڍيون ٻيڙيون ۾ لڪمي=اوطاق، آڏار ۽
سوارا=سوال ۾ آسر جو ۾ مارا=وارا.

١٠- هاڻيون=لڳل ۾ ڪاريون=ڪارا ۾ ڇڇيءَ=مڇيءَ جا
آنا گهيون ۾ هاڻا=وارا ۾ ڇڄ=مڇيءَ ۽ ڪڻ لاء لڙاڪڙا ٽانوَ ۾
پاند=پهراڻ جي ڪنڊ پا ڪئي، لڄ=گهٽتائي ۾ سهڄ=
سهڄ ۾ آپو=پيئو.

١١- ڪوڄهيون=بدصورت ۾ ڪاريون=سانوريون ۽
ڪوڙيون=اَجاڻ ۾ مور=اصل ۾ م=نه، موچاريون=وڻندڙ ۾
آريون=انگل آرا، ري=ڪانسواء ۾ سهي=برداشت ڪري.

١٢- ڇيريون=ڪکن جا اوجهڙ، محبت=دل ۾ سدڪو ۾
سر=لي، م، پاند پين=ٽانگهي پاڻيءَ واري ٽڙي ۾ هاڻ=
هاڻيون ۾ ماڻ=مان ۾ سر ڪڍو پاهڄي=پاڻتي همراه ڪيو.

١٣ ڪوڏ=پلاند ۾ ڪند=لوڙهه، لوڙهن جا پيار ۾
پاپوڙا=ٻيڻ جا ان، پوشاڪ=پائڻ لاء ڪتب آڻڻ، آنين=
آنهن ۾ راڄهي=راضي ٿي.

١٤- پيمام=پهرڻ جا، پوشاڪ طور ۾ انعام=عطا ڪيو،
مڪث ملبو ۾ مڇر=ڪنڄهر پاڻي وارو وڻن ۾ ڪيل ٽڙي،
مڙوئي=سڀئي.

١٥- هوڙيون=سيٽهيون، سيٽهوڙيون، سيٽهوڙيون=
سيٽهري، سلام لي=ڪڏ جڙ لاء.

سر ڪاموڏ

داستان پهريون

١- سمون = سمو راڄوڻ سردار ۽ گندري = گهٽ ذات جي، مهاڻڪو وانگر؛ جوء = گهر، جاءِ؛ عيبن = گهٽتائن ۽ ڀسي = ڏسي، واڻن = ٻين وڏ ذات واڻين ۽ روء = روش، نمونو، شڪل؛ ماگر = غريب مهاڻي ۽ منهين = وساري ڇڏيائون، دل تان ميٽي ڇڏيائون، لوڪنا ڪري ڇڏيائون.

٢- اُهاءِ = گهڻا، ڪٿ کان ٻاهر؛ جهجها ۽ لي = ميڙيءَ متان لڳلڳدار چڙهي ۽ لغار = نشان.

٣- ڪوڙ = اڻ شمار، ڪروڙ؛ ڪڪيءَ = ميڙيءَ ۽ ڪوڙ = چٽا، داغ.

۴- وٺا = جام، ڪافي اندازي ۾؛ مڪي = مهاڻن جي.

٥- لک = تمام گهڻا، اڻ ڳڻيا ۽ لوڪ = خبر، سڌ؛ الک = جنهن جي انساني ليکي سان لک نه هوي، ڌڻي تعاليٰ.

٦- لڙ = زمين، ملڪ؛ ڌڻي = مالڪ؛ مي = ڙال ۽ ڏهاڳ = وڇوڙو ۽ مر = نه ۽ سيس = سڏجان ٿي ۽ آئون... تنهنجي = تنهنجي ڙال ٿي ٿي سڏجان.

٧- سين = جي ۽ قراب = واجهون، واجهي عزاب ۽ ڏن ڇڏائي = ڇڏي ڏنائين، ٻاسو ڇڏي.

٨- ڪاڄ = ڪاڏو؛ مال = اسباب، ملڪيت ۽ مڏ = مڇين جا پيار؛ سمي = سمي ذات جي، ڄام تماچيءَ ۽ هيڻا = هيڻا، ڪمزور؛ هڏ = هڏا، عضوا، جسم ۽ ٻولي = ٻولي

ٿي؛ اُهين = سگهڙن کان ٻيو اڇو ٻهن؛ حجت = دعويٰ، دم
ٻڌاڪ، غرور؛ ٻڪي = ٽوڙي ڇڏي.

٢٢- مي مڇيءَ ۾ هٿڙا = اصل مڇيءَ ۾ وڻل هٿ؛
وڙن = هار سينگار؛ راءِ = راجا، لماڇي؛ اُگهر = اصل، آد
جڳاد کان؛ مدجهه مڻ = دل ۾ نڪاڻو ٿيا، ڪيو هو، چوائيو
هو؛ ڳجهڙن = راز ٻڌائڻ، راحت نه ٿيندي.

٢٣- اَرڪٽين = روش، لڇڻ؛ ٨٠ = ٻهانڍو؛ سڳو = ٽارو ٿيا
ٿندو؛ راٽن = راتين؛ وچ = وچين؛ اهل = ٻانڪو؛ جاماٽي =
جام سرداون واري، شاهاٽي؛ ٻيڙو = شاديءَ جو سڳڙو؛
ٻاهه = ٻانهن؛ ڪرائيءَ.

٢٤- سنهه = سرنهن؛ معاف لڳاس = ڇڏي ٻيٺي؛ موڇل =
موڙ جي رلڪين نڪين واڙن ڪنين جو ڄڙيال ڇوٽن؛
مٿاس = مٿانئس؛ اٻو = ٻيٺو.

٢٥- ڳاءِ = ڳڻ ڳاءِ، واکاڻ ڪر، ساراهه؛ ٽڙ لهين = سڄيءَ
رات هميشه لاءِ حاصل ڪرڻ.

٢٦- ڪوءِ = ڪڏهن؛ ٻن = ڪوهه ۾ ڪرڻ، ڪان ٻاسو ڪر؛
اُنهي ڳالهه = ڳرائيءَ مان، ڪنڌ ڪليءَ ڪري؛ ور = ٻلي؛
ٽامڻ = خيال؛ راٽن = راتين؛ ملڻ = مڙني ۾؛ راحت = راحت جو؛
ماڻڪ = لماڇي جهڙو اَملهه ماڻڪ، سهاڳ؛ ٻرائيو = حاصل
ڪيو.

وائي- هيري = اَملهه ماڻڪ، لوڙي؛ هٿ وڌائين =
لڌائين؛ سائين = مڇي وڪڻندڙن؛ لوارش = هلندي؛ ڙوڙ؛
ڪوشو = ڪنارو؛ اوڙ = سرهاڻ؛ اوليائين = ٻڪڙ ٻانين؛ سڌ =

١٦- مڙوءُم = ڪهاڻل ماڻل، گهرا، واڄها ؛ ڏوم = ڏوڪ ڏوڪ ڪندو اچل ؛ ماڙيو = ڄام لماڇيءَ جي مڙي جڙ ال اوطاق ؛ روم = ٻارانءَ ٻو وارا، ٻاراڻ ؛ العامي ليا = فيض عطا ليو، سي = ان کي.

١٧- ڏاري = رکي (اوري، جهڙجي اصل لسل جي اها ڪرمه هئي) ؛ ڪوه ۾ = واسطو نه رکيائين ؛ ٽرٽون = سباجهي نموني ۾ ؛ ٻاٻاري = نموني هلي لئي ؛ سهڄي = جهڙجو واهڙو آهي.

١٨- أهڄ = ڪسو ؛ سهڄ = ڪسرانتو ؛ أهڄ سهڄ = لاٿو ڪالبو ؛ ڏرٿا = ٽور جا وٽ ؛ ڏاري = رکي.

١٩- ٻهش ڪٺو = سو ڪٽيءَ طور آچيو ؛ ائٺون = ائٺين مڊ جو ؛ نيٺي = نياز ؛ ائٺوڪ سان ؛ سهيون = لماڇيءَ جون وٺ ذاته ڙالون ؛ نوازي = نوازش ڪري، ڪڏر سهاٽي ؛ نيٺي = وٺي واءِ.

٢٠- ڪيرب = وڏائي، ٽانءِ ؛ ڪاڻ = چترائي، چٽ، ٻهروپ ؛ سين = سان ؛ ٽاز ڪري = دل چڪي ؛ واڄهاٻائين = راضي ڪيائين ؛ راڻ = حاڪم، لماڇي ؛ ملاڻ = مڙاڪي مان ؛ هيرائين = چڪيائين، ٻهڙجي طرف ڪيائين ؛ حرفت = عقل، فهم.

٢١- ٿيار = ائٺوڪ، هيٺاهينءَ ؛ عجب = اچرج ٻار ٻار ؛ أجهل = نهايت اسرار ٻار ٻار ؛ سر سين ۾ = سڀني جو سردار، سردارن جو ڏڪ ؛ موڙيو = موهت ليو ؛ ميءَ = مهاٽيءَ

٤- وڏڙاھ = وڏن جون قطارون؛ سانءَ = سواد، مزي، لطف؛ ھندورو = پينگھو، لُڏڻو.

٥- ڪونر = ٻار؛ لون = لونگن، ورني = وري اھدي؛ واھوندن = بھار جي مند ۾؛ ڪٿوري = سرھاڻ سان ڀريو، خوشبودار.

٦- سدڪار = سيڪار، راؤ = تماچي، ونجھاڻ = ھرڪاڻ، راضي ڪرڻ؛ جام = سمي سردار؛ جار = مڇين ڦاسائڻ جي جاري؛ جلي = وڃي، جيرون = مھاڻن؛ ملاحن؛ وڇ = مڇراڪي ۾.

٧- مي = ملاح، ڏيا = ڏيھون، ڪال = ڪالھ.

٨- نوازيو = نوازش ڪئي؛ ليو = ٿي ويو، وڃي ويو، مشھور ٿيو؛ تماچي ٿي = تماچي جو؛ مانڍو ڪيو = ماڻھوءَ جو مان ڪيو؛ مي = مھاڻڪي نيڪر جو؛ ڪڇھر = پڙيل ٿي؛ چدا = چوندا، ساک پوندا؛ کي = ڪڇھ. ماڻھو ته ضرور؛ سچ سياڻي ڳالھ = ٿوري ٿي تماچي جي نوازش جي سچي ڳالھ ٻڌائيندي رھس سب سچي آھي.

٩- جاما اڳي جي جانيون = جام تماچيءَ جي گھر جون وڏيرن ڏالون جي ڪانٽس اڳ جاول ھيون؛ نرمص = ڪل، خبر؛ ته = ڪيڏانھن ٿا، نه؛ مھر = شاديءَ جي شاميانيءَ؛ مار ڪي = سياڻي جي جاءِ؛ واھاءِ = وھڻ ٿي؛ ڪاھ = وانداين؛ اڪٿو = ڪامل آھي.

١٠- جاٽو = جنم ڏنو آھي؛ ڪڪ = ڪڍھن مھاڻيءَ؛ وياڻ = مھاڻڪو اولاد جڻيو آھي؛ سياڻ = ٻار ٻارن عزاز؛ سين = سيڌي جو؛ لم... نياڻ = ٿئي ڪڍھنجو جاول، ته،

نالو ۽ ساراھہ ، واکاڻ ۽ جوڙ = سخا ۽ قيمت = ملکيت ۽
ڪميڻ = غريب مهاڻن ۽ وت و ٽيانين = شيون وڙهاڻي
ڏنائين ۽ جڻائين = جڻن ، موافق ، وانگر ۽ پيدا = ظاهر ۽ پسو =
ڏسو ڪٿ ۽ جوهري = پارکو ، تماچي ۽ موتي = قيمتي داڻا ۽
کوڏ ر = عام رواجي شين ۽ جڙه = وانگر ، مثل ۽ چٽيائين =
پکيڙيائين ۽ چلون = مڇي جي چلون ۽ مهاڻن = مهاڻن جي
مڇي وڪڻڻ واري هنڌ ۽ سوال ۾ = سوال ڪندي ۽ گهر
ٿيندي ۽ راند ڪيائين = خوشي سان ڏيندو رهيو ۽ پاڻيٺ =
قيمتي موتي ۽ لعلون = قيمتي پٿر ۽ فيروزا = فيروزي پا
پيروزي پٿر ۽ املہ = املھ ، قيمتي .

داستان ٻيون

ا- سلاميه = سلامت ، قائم ۽ مرڪڻ = مرڪندڙ ۽ م مرڪي =
جڙيو جيئرو هڄ ۽ ناز اکن = روح کي راحت ڏيندڙ ،
اندر نار پيدڙ ۽ وڃيج = وڃج ، پاري اچ ۽ تکيچ = ٿر سج ،
رهج ۽ کر = کجهہ ۽ ڏپ = ڏيهن ۽ ڪنڌ پين = ڙ ٿي ،
ڪنڌيء ٿي .

٢- ٽگ = رھہ ، ٿرس ۽ ٺٺوم = مڇهڻجو ٿيو ۽ اڳ = مڇهن ،
ڳاٽ ۽ کر = ڪنڌ .

٣- جر = پاڻي ۽ مجر = وڻن جي لامن مان لڙندڙ پسا
ٿميل ٻؤر ۽ پوان = پاسو پاٿم ۽ سدام = مڇهڻجي پاسي پسا
پو ۾ ۽ ڪوڙان = گهڻا ، جهجها ، سب ۽ ڪاڇ = ڪارج ،
ڪم ، پوپو جن ۽ سدام = سڌ ، پورا ٿيا ۽ اڻ سڌو = اڻپورو ،
اڌ ۾ رهيل .

ڪنهن جو ڄڻيندڙ (ٽي ڏاڍهن اشارو) لماڇيءَ جو ڪنهن
سان ٻ خاص واسطو ڪونهي، هوءَ هر ڪنهن کي هڪ نظر
سان ڏسي ٿو، جوئي ٻزرگي؛ انصاف جو وسيلو آهي،
ڪبر= شان، ڪبر ٻاٽ= ٻزرگي.

١١- ٻڪن= مهاڻن جي جهڳن ۾، موڪن= خوش ٿين،
ڪڇيون هڻن، ٻالڪي= ڪنڌي ٻا ڪناري تي ونيل،
وڏي جام جمار= لماڇي جام جي عمر شال وڏي ٿئي،
جڪا= جهڳين، موڪير= مان ڪيو، قدر ڪيو.

١٢- ٻڪا= مهاڻن جا گهر، ٻکار ٿو= ڏوني صاف اوجل
ڪراٺ، گدڙ= ڏکر، غم، لاهيو= وسارڻ، آڙ= گهر،
اجار ٿو= اجرو ڪرڻ، قرار ٿو= اچي آرامي ٿيڻ، سام=
اجهو، پناهه، بخشئي= بخشي ڏني ٻا عطا ڪئي آهي.

١٣- ڪامڻ= جادو، ڦيڻو، مي= مهاڻيءَ، ناٻون= نيڻن
جا تيزا، ٿي= ٿئي، ڇڪيو وئي، ٻاڻ= هڻيو، جن= جيڻن
جام= لماڇي، ڪلي= ڪلهي، چارو= مڇي قاسائڻ
جو چارو.

وائي - لهڪي= لهڪي، مي= مهاڻي، سمي= سمي
جام لماڇيءَ، سمڪي= نوازي، مڏو= نوازيءَ جي وچ تي
وارن جو جهڳڙو، پِتو= ناهي ٻهارڙو، وت= ٻڙ، ٻاسي،
عالم= ساري دنيا، سڀ مهاڻا، انعامي ڪئو= انعام،
سوغاتون عطا ڪيا.